
ڱجهارتون
ڪلاڌر متوا

# ڳجهارتون

## سموهيندڙ: ڪلاڌر متوا

پبليشر : شري هرشد ترويدي
رجسٽرار
سنڌي ساهتيه اڪادمي، گجرات

ڊجيٽل ايڊيشن :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# ڳجهارتون

سموهيندڙ : ڪلاڌر متوا
قيمت : 42 روپيه
ڪاپيون: 500
سال: مارچ ـ 2012
پبليشر : شري هرشد ترويدي.
رجسٽرار
سنڌي ساهتيه اڪادمي، گجرات راجيه
اپيليڪاگار ڀون، سيڪٽر 17، گانڌينگر،382017

---

نوٽ : هي ڳجهارتون انڊس ايجوڪيشن فائونڊيشن طرفان مليل پروجيڪٽ تحت اسان جي اداري ڀني سنڌو سيوا سنگهه اداري ڪلاڌر متوا جي رهبري هيٺ سڄي ڀنيءَ مان سهيڙيون ويون هيون. اهو پورهيوعام قارئين اڳيان رکندي بيحد سرهائي ٿي رهي آهي.

---

## سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر (276) اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. ڪتاب **”ڳجهارتون“** جو سموهيندڙ ڪڇ- ڀُڄ هندستان جي علائقي ”ٻني“ جي ڳوٺ پناهواري جي سنڌي دوست **ڪلاڏر مُتوا** آهي.

ٿورائتا آهيون مانواري ڪلاڏر متوا جا جنهن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ شيئر ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سيني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# ڪتاب بابت

سنڌي ساھتيہ اڪادمي، گجرات راڄيہ پنھنجي استاپنا کان وٺي سنڌي ڀاشا، ڪلا، سنسڪرتي ۽ تعليم جي وڪاس لاءِ جدا جدا يوجنائون عمل ۾ آنديون آھن. جن ۾ سنڌيءَ جا معياري ، اڻ لڀ، لوڪ ادب ۽ تحقيق جا ڪتاب اڪادميءَ طرفان شايع ڪرڻ پڻ شامل آھي.

اڪادميءَ سنڌي لوڪ ادب کي ڪٺو ڪري ، سھيڙي، ان جو سمپادن ڪري ڪتابي صورت ۾ ڇپائڻ جي ھڪ رٿا پڻ تيار ڪئي آھي. ڪڇ جيڪو ڪنھن وقت سنڌ جو ھڪ حصو ٿي ھو ۽ سنڌو نديءَ جي ھڪ شاخ ڪنھن وقت ھتان وھندي ھئي. ۽ ڪڇ ۾ جدا جدا ڏڻن جي ڪوٽائيءَ مان موھن جي دڙي، ھڙپن سنسڪرتيءَ جا نشان مليا آھن جن ۾ وڏي ۾ وڏو مرڪز ڍولا ويرا آھي. ڀني علائقي ۾ جتي چار سئو، پنج سئو سالن کان جدا جدا سنڌي قومون، قبيلا اچي وسيا اتي سنڌي ٻوليءَ جو واھپو اڄ بہ آھي. ان ايراضيءَ ۾ ڪيترو ئي سنڌي لوڪ ادب ٽڙيو پکڙيو پيو آھي. اھو ڪٺي ڪري اڪادميءَ طرفان شائع ڪيو وڃي جي ھڪ يوجنا ڀاشا وگياني ڊاڪٽر پرسو گدواڻيءَ جي رھنمائيءَ ۾ تيار ڪئي ويئي.

ھن يوجنا ( منصوبي) کي اڪادميءَ عملي جامو پھرايو ۽ جھجھا ڪتاب جدا جدا لوڪ ادب جي صنفن تي شايع ڪيا آھن. لوڪ ادب جي ھنن ڪتابن ھند سنڌ ۾ لوڪ پريتا (شھرت) حاصل ڪئي آھي.

اڪادميءَ طرفان ڀني - ڪڇ ڪڇ جي سنڌي لوڪ ادب جو پھريون ڪتاب " ڳڇھارتون" سموھينڊڙ ڊاڪٽر پرسو گدواڻي ۽ لالچي ھمٿوجي سوڍھڙ سال 1990 ۾ شايع ڪيو ھو. ھن ڪتاب پڻ ڪافي ساراہ حاصل ڪئي. ھن ڪتاب ۾ شامل ڳڇھارتن کان سواءِ ٻيون بہ ڪيتريون ڳڇھارتون ڀنيءَ جي سيني ۾ سانڍيل ھيون. ڀني ڪڇ جي ھن لوڪ پريہ ۽ ڪڇھريءَ جي سونھن کي جناب ڪلاڌر متوا ، "ڀني سنڌو سيوا سنگھ " جي زير سايع وڏيڪ وڏيڪ ڳڇھارتون ڪٺيون ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آھي. ھن جي پورھئي کي مان ڏيئي اڪادميءَ ڳڇھارتن جو ھيءُ ڪتاب شايع ڪري رھي آھي. اسان کي قوي اميد آھي تہ اڪادميءَ جي ٿيل ٻين ادبي ڪتابن ۽ لوڪ ادب جي ڪتابن جي جيڪا آجيان ٿي آھي ھن ڪتاب جي بہ پڻ ٿيندي. سنڌي لوڪ ادب ڪٺو ڪري شايع ڪرڻ وقت جي تقاضا ، ضرورت ۽ اھميت آھي. جنھن لاءِ اڪادمي سجاڳ ۽ سرگرم آھي. ۽ اڳتي بہ ڪتاب شايع ڪندي رھندي. ڪتاب بابت رايا موڪليندا تہ خوشي ٿيندي.

— ھرشد ترويدي ( رجسٽرار)

## پيش لفظ

اڪثر عوام ۾ ٻڌو ويندو آهي تہ " سڌي سڌي ڳالهہ ڪر، پرولين ۾ ڇو پيو ڳالهائين؟" "پرولي پيچ تہ ميجا؟" مون هاڻي پرولي پڇي تہ تون ڇو مون وٽ آيو آهين؟" عام واهپي ۾ پرولي لفظ جي معني آهي ڳجهي ڳالهہ ڳجهارت، معما ۽ پرولي پڇڻ معني ڳالهہ جو مطلب سمجهڻ . منجهيل يا ڳجهي ڳجهارت پڇڻ.

"پرولي" لوڪ هردي جو هڪ قديم اظهار آهي. ذهني شخص جي اتپتي آهي. ان مان اسان ڪي انساني دماغ جي وڪاس جي ڄاڻ ملي ٿي. پرولين جو واهپو وندر، وروندن، ريجهہ ۽ رهاڻ خاطر ڪيو ويندو آهي.

## اڄان لاتيون لنون پيا...

منهنجي مٺڙي ٻني اها وني آهي جيڪا ڳجهارتن، پهاڪن، چوڻين لوڪ گيتن، واين، بيتن ۽ ڳيچن جهڙن سنڌي لوڪ ادب جي ڳهڻن سان جهنجهي پيئي آهي. جنهنجي پنهنجي هڪ سندرتا ۽ سونهن آهي. جنهن سندرتا کي ڏسڻ پسڻ لاءِ ان پارکو اک جو هئڻ ڳھرجي جيڪا اک هن جي ثقافت واري گهونگهٽ ۾ لڪل هيرن جواهرن کي ڏسي پسي سگهي. ٻني نہ صرف ڏسڻ پسڻ جي شيءِ آهي پر ماڻڻ جي شيءِ آهي. ورهاڱي وقت جيڪي اسان جا هندو سنڌي ڀائر پنهنجا اجها اوتارا، ٻنيون ٻارا ڇڏي آيا انهن لاءِ تہ هي علائقو انتهائي اهميت جي حامل آهي. پنهنجي ماتر ڀوميءَ جي جيڪڏهن ڪنهن سنڌي سڄڻ کي سڪ ڀاڀوه آهي. هو مارويءَ جا مال چارينڌڙ ماروڙا، ۽ سسئي جا سيڻ جتڙا ڏسڻ چاهي ٿو تہ هن کي گهرجي ماءُ ٻني جي ڀلاري ڀون جو هڪڙو چڪر ضرور هڻي. منهنجي دعوي آهي تہ هن کي هت اڃي اها شيءِ ملندي جا ثقافت جي خيال کان هن جي خوابو خيال ۾ بہ نہ هوندي. ۽ اها چيز هن جي دل ودماغ کي سنسڪرتيءَ جي واس کان واسي ڇڏيندي. ۽ ڪيس هڪ انوکي احساس جي انوڀوتي ٿيندي.

مارچ 2010 ۾ اسان جي مانواري نامياري اسڪالر جناب لڇمڻ خوبچنداڻيءَ جو فون آيو تہ ڪلاڌر مان ٻني اچڻ ٿو چاهيان. چيومان "سائين اسان جا ڀليرا ڀاڳ ڀلي ڪري اچو، جي ڪري اچو. 10 ۽ 11 تاريخ تي ڀڄ ۾ سينٽرل ساهتيہ اڪيڊمي، نئي دهلي ۽ گجرات ساهتيہ اڪيڊمي گانڌينگر جي گڏيل تعاون سان ڪڇي ٻوليءَ جو سيمينار بہ رکيل آهي، توهان اگر ڪڇي ٻوليءَ جو بہ واءُ سواءُ لهڻ چاهيو تہ انهن تارخن ۾ اچو." اهو ڄاڻي هنن کي ڀاڻ ڏاڍي خوشي ٿي ۽ هو آديپور کان ٿيندي ڀڄ پهچي آيا. بہ ڏينهن ڪڇي ساهتيہ تي پڙهيل مقالا ماڻياسين. جن مقالن ۾ هن لکندڙ بندي جو "ڪڇي ۽ سنڌي ساهتيہ جا سنگم" مقالو بہ شامل هو.سيمينار سماپت ٿيو شام جو جيپ ۾ چڙهي اچي ٻنيءَ پهتاسين. ۽ رات جو ٻني جي ڪچهريءَ جو سائين جن کي لطف ونرايوسين. ٻئي ڏينهن اتفاق سان پر واري ڳوٺ ۾ هڪڙي ننڍڙي شادي بہ هوئي. سائين جن کي اوڏاهن بہ وٺي ويوس. منڊپ ۾ ويهي چانهہ پاڻي کان پوئي ڳجهارتون ڄاڻندڙ ٻن ٽئين يارن کي سڏ ڪيم تہ اصل ڪچهري جمي ويئي. ڳجهارتن مٿان ڳجهارتون اچڻ لڳيون. سائين جن کي مزو اچي ويو.

شام جو ويڙهار ڳوٺ (جتي شري پرسو گدواڻي رهندا هئا) وجي رهيا هئاسين ته خوبچنداڻي صاحب چيو ته ”ڪلاڌر انهن ڳجهارتن کي ڪٿو ڪجي ته ڪيئن؟ سائين گدواڻي صاحب ان ڏس ۾ ڪم ڪيو هو پر منهنجي خيال ۾ اڃان به وڌيڪ ڪم ٿيڻ کپي. ڇا توهان پنهنجي سنستا جي تحت اهو ڪم ڪري سگهو ٿا؟ “ مون لاءِ ته اها آڇ انتو گهري به اڪيون مثل هئي ۽ مون انهي ڳالهه تي خوشيءَ جو اظهار ڪيو ۽ پنهنجي سنستا ” ٻني سنتو سيوا سنگهه “ جي نگراني ۾ اهو ڪم ڪرڻ جي رضامندي ڏيکاري. بس پوءِ صرف زباني منظوريءِ تي ئي انهي پروجيڪٽ تي ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو.

هن ڪان اڳ هن صنف تي سائين گدواڻي صاحب ڪم ڪيو هو جيڪو 1990 ۾ ڪتابي صورت ۾ اسان جي سامهون آيو. جنهن ڪتاب ۾ 147 ڳجهارتون درج ٿيل آهن. جنهن کي ويهن سالن کان مٿي جو عرصو گذري ويو آهي. مون فيصلو ڪيو ته مان في الحال ان ڪتاب کي هٿ به نه لائيندس ۽ وري نئين سر ڳجهارتون رڪارڊ ڪندس ۽ لکندس، هڪڙو ته مون ڏسڻ ٿي چاهيو ته ڇا انهن ويهن سالن واري عرصي ۾ ڳجهارتن ۾ ڪا ڪمي بيشي ٿي آهي يا نه . ۽ ٻيو منهنجو مقصد هو ته انهي بهاني ڳجهارتون آڊيو جي صورت ۾ رڪارڊ به ٿي ويندين. ائين ڳجهارتن جي عمر کي ٿورا وڌائي به سگهبو. ان سلسلي ۾ ٻني ۽ جي تقريبن سيني ڳوٺن جا چڪر هنيم. ۽ ٻنيءَ ۾ رهندڙ سيني قومن جي سگهڙن يعني ڳجهارتن جي ڄاڻن سان مليس. ڪن ڪن ڳوٺن ۾ ته ٻه ٻه ڀيرا ويس. ڪجهريون ڪيونسين. انفرادي طور به سگهڙن سان مليس. جتي جتي به ڪا ڳجهارت ملي ٿي ان کي پنهنجي موبائيل فون ۾ رڪارد ڪري ٿي ورتم. ڪن سگهڙن سان ته موبائيل فون تي ڪچهري ڪري ڳجهارتون رڪارڊ ڪيم. منهنجي ٻنيءَ ۾ رهندڙ ڪن شاگردن ۽ دوستن کي به ان ڪم ۾ شامل ڪيم. ايئن هنن ۾ به هن ڪم لاءِ اتساه جاڳائڻ ۾ ڪاميابي ملي، جنهن ڳالهه جي مونکي ڏاڍي خوشي آهي. وڏي ڳالهه ته جن جن سان مليس انهن هن ڪم کي واکاڻيو سيني چيو ته اهو ڪم ضرور ٿيڻ کپي. ماڻهن جو هن شيه ۾ اتساه ڏسي منهنجي به دل وڌي ۽ سچ پچو ته ڪم ڪرڻ ۾ مزو اچڻ لڳو.

شروع ۾ منهنجو انومان يا ڪٿي چئجي ته پڪ هئي ته ڳجهارتن جو گراف هيٺ لٿو هوندو. موبائيل ۽ انٽر نيٽ جي زماني ۾ يا هن وٺ پڪڙ جي دور ۾ ڳجهارتن جهڙي ڳوڙهي صنف پلا ڪيئن جالي سگهي هوندي. منهنجو اندازو هو ته ڏيڍ سو ٻه سو ڳجهارتون ٻه سيهڙجي ويون ته غنيمت چئبي، ان ۾ اهي ڳجهارتون به اچي وڃن ٿيون جيڪي شري گدواڻي ۽ جي ڪتاب ۾ اڳ ئي ڇپجي چڪيون آهن.

مئي مهيني ۾ جڏهن سيهڙيل سيني ڳجهارتن ڪي سرن مطابق الڳ لکي شري گدواڻيءَ واري ڪتاب سان پيٽيم ته منهنجي حيرت جي انتها نه رهي. ان ڪتاب ۾ ڏنل 80-90 ڳجهارتون اهڙيون هيون جيڪي يا ته نج پج انهي انداز ۾يا ڪن تورن گهٽڻ ڦيرڦارن سان وري مليون. ۽ تقريبن 50 — 60 ڳجهارتون اهڙيون نڪتيون جيڪي مونکي سگهڙن وٽان نه مليون. ان جو مطلب ايئن هرگز ناهي ته اهي ڳجهارتون هاڻي ٻنيءَ مان موڪلائي چڪيون آهن. پر ڳجهارتون ڏيڻ پيچڻ جو به هڪ نشو هوندو آهي سمو هوندو آهي. اگر ڪچهري ڄمي ويندي آهي ته ڳجهارتون پنهنجو پاڻ سگهڙن جي زبان مان ترڪي نڪرڻ لاءِ آتيون هونديون آهن. ۽ جي ماحول موڊ ناهي ته ايندڙ ڳجهارتون به دل تي ناهي چڙهديون آهن. مونکي پڪ آهي ته اهي ڳجهارتون جيڪي مونکي ناهي ملي سگهيون اهي به اسان جي سگهڙن جي سينن ۾ ضرور جيئريون هونديون پر مونکي انهن جي حاصل ڪرڻ جو شرف نه ملي سگهيو آهي. ۽ شايد منهنجون پنهنجون به مرياداڻون هيون جن جي ڪري ايئن شايد نه ٿي سگهو آهي.

بحر حال مونکي پوٽا ٿي سوکن ڳجهارتون مليون، مان سمجهان ٿو اهو هڪڙو سٺو تعداد چئبو. مان 18 کان 81 سالن جي عمر جي ماڻهن سان مليس. مونکي ان ڳالهه جي بيحد خوشي آهي ته مون ڏٺو ٻنيءَ جي نوجوان ٽهيءَ وٽ اڃان به اهو زخيرو موجود آهي. هن پروجيڪٽ جي سلسلي ۾ جن جن نوجوانن سان ملڻ ٿيو هنن خوشيءَ جو اظهار ڪيو ته مان ڳجهارتون ڪٺيون ڪري رهيو آهيان ائين اهي ڳجهارتون توريون محفوظ ٿي وينديون. انهن نوجوانن ۾ ڪيترائي نوجوان سگهڙ اهڙا هئا جن جي عمر 25 کان 30 سالن جي آس پاس هئي.

هن ڪم لاءِ مون شادين مرادين وارن موقعن جو استعمال ڪيو، جتي جتي به شادي وارو موقعو هوندو هو ته مان اتي خاص هن ڪم لاءِ پهچي ويندو هوس . چو ته شادين ۾ سيني قوم جا ماڻهو ڳڏ ٿيندا آهن. شادين وهائڻ وارن موقعن تي جڏهن به نوجوانن ڪي ڳڏ ڪري ڳجهارتن واري روح رهاڻ پي ڪرائي سين ته سيني ڪي ڏاڍو مزو پي آيو ۽ ڳجهارتن جو هڪڙو دور هلي ٿي نڪتو. جن ڪي توريون گهٽيون ڳجهارتون آيون ٿي انهن ته اتساهه سان حصو ورتو ٿي پي، پر ڪيترا ئي اهڙا نوجوان به مون ڏٺا جن ڪي ڳجهارتون نه پي آيون يا ڪين ڳجهارت ڏيڻ پيچڻ جو ڏانو ڏات نه هئي، انهن به دلچسپي پي ڏيکاري ،انهن به چيو ته واقعي اسان ڪي به هن شيءِ ۾ دلچسپي وٺڻ گهرجي ۽ هنن ڪن ڏيئي ڏيان سان اهي ڳجهارتون ٻڌيون پي. يا وري پنهنجن موبائيلن ۾ رڪارڊ ڪيون پي. ۽ ڪافي اهڙا نوجوان

مون وٽان منهنجي ڪمپيوٽر مان ٻه ڳجهارتون ڊائون لوڊ ڪري ويا آهن. ائين ٻنيءَ جي ڳجهارتون ڄاڻندڙ نوجوانن جو ڳاڻياپو ٻه پنهنجو پاڻ ٿيڻ لڳو. هاڻي اهي موبائيل ذريعي هڪ ٻئي کي ڳجهارتون ڏيندا، پڇيندا آهن.

ٻنيءَ ۾ ڳجهارتون ڏيندي سگهڙن جي زبان مان "واهه ادا واهه" ، "جئي پئي"، "نه ادا نه" "پنڌ جو پئي ڪائي". " مري وئي". "پيچي چڏي".."" اتي ڙي اتي"، " ايي ڪر". " سچي ڪر ، سيل (سال) ڪر، وغيره جهڙا ڳجهارتن سان منسلڪ لفظ ٻڌي اصل مزو پي آيو. ايئن اجان ايندڙ پنجاه سالن تائين ٻنيءَ جي لوڪ ادب (ڳجهارتن) يا ٻنيءَ جي سنڌيت کي لهر لوڏو ناهي ۽ اهو ٻنيءَ جي لوڪ ادب لاءِ سنو سوڻ آهي.

ها، البت هاڻي ٻنيءَ ۾ به اها اڳوٽي واندڪائي ناهي رهي. اڳي ماڻهو صرف مالوندا ماڻهوءَ هئا مال کي چارڻ ، ڏوهڻ ٻڌڻ کان علاوه ٻي ڪا ڪرت ڪونه هئي. ٻيو ڌنڌي روزگار جو ڪو وصيلو ڪونه هو. تعليم به ڪونه هئي. شام جو واندڪائيءَ ۾ ويهي ماڻهو ملاڪڙا يا ڪچهريون ڪندا هئا. پر هاڻي حالتون بدليون آهن. ماڻهن ۾ سجاڳي اچڻ شروع ٿي آهي ماڻهو مال مينهون گايون پالڻ کان علاوه ٻيا به ڌنڌا پورهيا ڪن ٿا. ڌنڌي روزگار جي پويان ٻني ڇڏي ٻاهر به وڃڻ لڳا آهن . جنهن جي ڪري اهي اڳوٽيون واندڪايون هاڻي ناهي رهيون ان ڪري رهاڻين ڪچهرين وارا اهي دور هاڻي گهٽجي ويا آهن. ڪچهريون ته اجان به ڪنهن حد تائين ٿين ٿيون پر نوجوان انهن ڪچهرين ۾ به موبائيل جي ٻٽڻ ۾ ريجهيا پيا هوندا آهن.

ٻي ڳالهه ته ٻنيءَ ۾ ماڻهو تقريباً پنج سو سالن کان آباد آهن. هتي سنڌي اسڪول ازل کان ئي ڪونه آهن. سنڌ سان اچڻ وڃڻ وارو اڳي جيڪو سلسلو هو اهو  به گهٽجي ويو آهي انهي ڪري سنڌي ٻولي ڏينهون ڏينهن هٿن مان ڪسڪندي، ڪمزور ٿيندي پئي ٿي وڃي. ۽ ان تي ڪڇي يا گجراتي ٻوليون هاوي ٿنديون پيون ٿيون وڃن.  پر پوئي به ڪنهن حد تائين اجان سنڌي ڳجهارتون، سنڌي ٻولي، ۽ سنڌي ثقافت جهڙيون شيون باقي آهن.

وڏڙن سان ڪچهريون ڪندي جهوني زماني ۾ ڳجهارتن جي ڇا افاديت ۽ اهميت هئي ان جو به اندازو آيو . اڳي ٻنيءَ جا سگهڙ ماڻهوءَ ڳجهارتن ۾ ڳالهائي ڪچهريون ڪندا هئا. جنهن جو ذڪر سنڌ ۾ سومار شيخ جي ڇپيل ڪتاب " ڪڇين جا قول" ۾  ڪيو آهي . سيٽوڏو ڳوٺ جي حاجي ميان احمد به اهڙيون به ڳجهارتون ٻڌايون جيڪي ٻن سگهڙن پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي ڏنيون هيون. اهي ٻئي ڳجهارتون به توهان سان ونڊڻ جو من ٿئي پيو. ميين عبدالرحمان ميين ايوب کي ڳجهارت ڏني ته

” ڏڌ وڻ جيئن ويندياس نرنان هوندم جتي،
هن عضوي سنديون ڳالهڙيون وجين نرنان سان ڪندياس.“
(ڳجهارت جا پاوا آهن: ڏڌ جي مهي، وڻ کهي. عضوو من. نرناس ساهڙ، نرنان مهار.)
سال آهي ته:
” کهي مهي ويندياس ساهڙ هوندم جتي.
من سنديون ڳالهڙيون وجين مهار سان ڪندياس “.

تنهن تي جواب ۾ ميين ايوب به ڳجهارت ڏني ته”
عضوي ذات ويندياس نرنان هوندم جتي،
پنهنجي سنديون ڳالهڙيون وجين نرنان سان ڪندياس.“
( هن ڳجهارت جا پاوا هيئن آهن عضوي جي تري، ذات جا مري. نرنان ساهڙ، پنهنجو حال، نرنان مهار)

.” تري مري ويندياس ساهڙ هوندم جتي.
هن حال سنديون ڳالهڙيون وجين مهار کي چونڊياس.“

ان طرح ادل متوو جنهن جي عمر تقريبن 80 سالن جي هئي هن چيو ته اسان جي جوانيءَ جي دور ۾ اسين دوست ڪڏهن ڪڏهن ته رهاڻ ۾ رنگ ۾ اچي ويندا هئاسين ته ڳجهارتن ۾ ڳالهائيندا هئاسين. ان بابت هن هڪڙو قصو به ٻڌايو، جيڪو مان سمجهان ٿو پڙهندڙن لائي مزيدار ٿيندو.

هن چيو ته جڏهن اسين بلڪل جوان هئاسين ته هڪڙي دفعي ٻنيءَ ۾ سانده به ٽي ڏکر پيا. بک جي ڪري روز ڪنهن نه ڪنهن جو ڳائو مال مرندو رهندو هو. ته ڪڏهن ڪڏهن گدڙ به اهڙي ٿڪل مال جا پاندا ڪيي ويندا هئا. ايئن ٿي هن جي دوست پانڌيءَ جي ڳئون جو ڪو گدڙ پاندو ڪيي ويو. صبوح جو پانڌي جهنگ مان موٽيو ۽ ادل کي ڳجهارت ۾ چيو ته :

” مال جن مٽي مرون پنهجون ڪن،
ڳهه پکياٽيون پنهنجون، لوهه جون ڪن،
نرنان چئي وري به نارنا ، وري به ڪا نارنان.

(هن ڳجهارت جا پاوا هن طرح ٿيندا ؛ مال جا آرس (آرس انهي جڳهه کي چئبو آهي جتي رات جو ڳئون وهنديون آهن) مرون ڳدڙ، پنهنجون ڊوڙون، ڳهه جي ٽڪ، پڪي ڳجهه، لوهه جي لولوي، نرنان پانڌي، نارنا مارئي.)
پيچٽي ؛

آرسن متي ڳدڙ ڊوڙون ڪن،
اڄ به انهن ٽڪن تي ڳجهڙيون لنون،
پانڌي چئي وري به ڪا ماري ڙي
وري به ڪا ماري ري.

ڏسو ڪيئن نه به سگهڙ پاڻ ۾ ڳجهارت ۾ ڳالهائي ويا. ٻئي هڪ ٻئي جي ڳالهه به سمجهي ويا ۽ ڳالهه راز ۾ به رهجي وئي.
ايئن ناهي ته ڳجهارتون صرف اڳي ئي جوڙيون ويندبون هيون. هاڻي به جوڙيون وجن ٿيون پوئي چاهي ان جو تعداد گهٽ آهي. پناهواري ڳوٺ جي الله بچائي نالي نوجوان واٽ هلندي يا بس ۾ سفر ڪندي ڪنهن کي موبائيل تان فون ڪندي ڏٺو ته سندس من ۾ از خود ڳجهارت جڙي پيئي. هن ڳجهارت ٺاهي ته؛

” نرنان ڪڍي نارنا اکر ٻوليءَ جو ڪيو.“

(هن ڳجهارت جا پاوا هيئن ٿيندا ؛ نرنان بندو، نارنان بندي، اکر جو انگ، ٻوليءَ جو قول.)
هن ڳجهارت جي پيچٽي هيئن ٿيندي ته؛

”بندي ڪڍي بندِي لڳائي انگَ ڪال ڪيو.“

ڏسو نه هن ڳجهارت ۾ انگريزي لفظ ڪال (call) ڪيئن نه سنڌي ٻوليءَ ۾ ٺهڪي ويو آهي. ۽ اوپرو نه پيو لڳي جيڪو اسان جي سنڌي ٻوليءَ جي دريا دليءَ جي ساک پيو ڏئي. ۽ ٿي سگهي ٿو اگر پڙهيل ڳڙهيل نئين پيڙهي ڳجهارتن ۾ دلچسپي وٺندي ته ڪمپيوٽر سان منسلڪ لفظ به پاون طور استعمال ٿي سگهندا. ”ڪمپيوٽر“ ۽ موبائيل لفظ پاڻ پاوا ٿي پوندا، مثال طور ڪمپيوٽر جو پيغام، اي ميل، آئي ڊي، سيو ڪرڻ، ڊليٽ ڪرڻ، ڪاپي ڪرڻ، موبائيل جو ميسيج وغيره جهڙا لفظ ٺهي پوندا. ۽ هن طرح جون به ڪي ڳجهارتون ايندڙ زماني ۾ ٻڌڻ لائي ملن ته ان ۾ حيرت ناهي.

نرنان تو مونکي عضوي موبائيل جو ڪيو،

پر مون ته توکي ڪاٽ، ڪمپيوٽر جو ڪيو آهي.
هن ڳجهارت جا پاوا هيئن ٽيندا نرنان يار، عضوو دل،موبائيل جو ڊليٽ[delet] ڪرڻ ، ڪاٽ جو من ۾ ڪمپيوٽر جو محفوظ يعني سيو ڪرڻ (save).
دوست تو مونکي دل تان پلي ڊليٽ (Delit) ڪري ڇڏيو آهي،
پر مون ته توکي من ۾ سيو ڪري ڇڏيو آهي.

ڳجهارتون علائقي يا سماج ۾ گهٽجندڙ گهٽنائن کي به ڪيئن پاڻ ۾ محفوظ ڪري ڇڏين ٿيون ان جو به هڪ عمدو مثال مليو. اها ڳجهارت پڇم علائقي جي ابراهيم سرهئي نالي هڪڙي سورهيه ماڻهوء جي ٽيل قتل تان جوڙي ويئي هئي. مان سمجهان ٿو اها به هت ونڊي ڇڏيان ته جيئن پڙهندڙن کي به ڄاڻ پوي ته ڳجهارتن وارو اهو فن بنيء ۾ نه صرف جيئرو آهي بلڪ وڌي ويجهي به پيو ۽ ان ۾ ڪيتري نه ووڌتا به آهي. ڳجهارت آهي ته:

” نار وڌي ڙي نرنان ۾ پوليون پنهنجون ڪيئہ.
نه ڪاٽي آيئہ ڪا ، ڪپڙ جو ڪيرائي ذات جي مال جي ڪري ، عضوي جيء تي مونکي مال جو ڏني. جيڪو ڪپڙي تان نه لهي.“

(نار وسندي. نرنان مصرو. پوليء جي اکهين. پي پانهين. پنهنجي نظر. ڪاٽي آڏي. ڪپڙ جو ڇٽ. ذات جا سمان. مال جي سيجي. عضوي جي دل. مال جو داڳ. ڪپڙ جو ڌوتو.)

وس وڌي ڙي مصرا تنهنجي .
جي اکهين ۾ پاهين نظر ڪيئہ ته آڏي آيئہ ڪا.
ڇٽ ڇاٽي سماٽ سجين ڪري دل تي داڳ ڏنئہ .
جيڪو ڌوتي نه لهي. ڌوتي نه لهي.)

بنيء ۾ رهندڙ هر جاتيء جي پوليء جي پنهنجي هڪ خاصيت يا لب و لهجو آهي. ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪي الفاظ هڪ ٻئي کان مختلف به هوندا آهن. پر ڪڇهرين ۾ اهي لب و لهجا ۽ اهي لفظ هڪ ٻئي ۾ هير خير ٿي ويندا آهن . جيڪي ماڻڻ وٽان هوندا آهن.
دعا آهي ته بنيء ۾ سگهڙ ماروئڙن سينن ۾ ڳجهارت وارو فن وڌندو ويجهندو رهيء اڃان به وڌيڪ وسعت اختيار ڪري ۽ شل ائين ئي لاتيو لنوندا رهن.

**ـڪلاڌر متوا**

# ڳجھارت ۽ ان جا پاوا

ڏاھن جو چوڻ آھي ڳجھارتن واري فن جي شروعات سومرن جي دور ۾ ٿي ۽ سمن جي دور ۾ اوج تي پھتي . ھوئن تہ ڳجھارت معني ڳجھہ واري ڳالھہ. يا لفظن جي ڪکن پنن ھيٺان لڪل ڪا ڳالھہ. جنھن ۾ عشق محبت، راز رمز، اتھاس تواريخ يا دين ڌرم جي ڳالھہ ڪري سگھجي ٿي،

ڳجھارت پروليءَ جو ھڪ قسم آھي. ڳجھارت پلي پرولي جو ھڪ قسم آھي پر پنھنجي سٽاءُ جي اعتبار سان ڳجھارت ۽ پروليءَ ۾ فرق آھي. ڳجھارت معنوي ۽ فني لحاظ سان نھايت ئي ڳوڙھي ۽ معياري آھي. پروليءَ جو بنياد تشبيھہ ۽ استعاري تي ھوندي آھي جنھن لاءِ غورو فڪر ڪرڻ جي ضرورت پوندي آھي جڏھن تہ ڳجھارت جو بنياد تجنيس ۽ تلميح تي آھي جنھن لاءِ ڪري غورو فڪر سان گڏ ڄاڻ ۽ علم جي بہ ضرورت پوندي آھي. تجنيس جو مطلب آھي جملي ۾ يا شعر ۾ ھم شڪل يا ھم آواز لفظن جو استعمال ۽ ان ۾ مقصد واري چيل ڪا ڳالھہ. ٻين لفظن ۾ چئجي تہ لفظن جي لباس ۾ ڍڪيل ڳالھہ. تلميح معني ڪھن واقعي يا قصي ڏانھن اشارو. جيئن تہ مٿين ڳجھارتن مان سڌ پئجي وئي ھوندي، ۽ سيني کي خبر آھي تہ ڳجھارتون اسان جي سنڌي لوڪ ادب جي لوڪ داستانن تي ٻڌل ھونديون آھن. تنھن کان علاوه تاريخ جي ٻين اھم ڪردارن ، موضوئن تي بہ ھونديون آھن. تہ وري دين ڌرم جي ڪنھن نقطي تي بہ ھونديون آھن. پر اڪثرو بيشتر ڳجھارتون عمر ماروي، سسي پنھون، مومل راڻو، ليلان چنيسر، سورٺ رائي ڏياچ، يا سھڻي مھار وغيره جھڙين لوڪ داستانن تي مشتمل ھونديو آھن. ڳجھارت پيچڻ لائي کي ”پاوا“ ھوندا آھن جيڪي ذو معني وارا يعني ٻن ارٿن وارا ھوندا آھن جن کي بند. ٿپ، يا ٿنپ بہ چئبو آھي. ڳجھارت کي پيچڻ لائي ڳجھارت جي پاون بابت علم ھوئڻ ضروري آھي. کھڙي پاوي ۾ کھڙين شين جا نالا وٺي سگھجن ٿا اھا ڄاڻ ھوئڻ لازمي آھي. ان ڪري ڳجھارت جي پاون کي ڏيان سان ٻڌڻ ضروري آھي. چو تہ سگھڙ پاون مان ئي ڳجھارت جي گس جو اندازو لڳائيندا آھن تہ ڳجھارت کھڙي سر جي آھي، ڪيڏاھن وڃي ٿي. ھڪ پيرو سر سجاٽپ پئجي ويندي آھي تہ پوئي ڏک ھٽڻ آسان ٿي پوندو آھي. جيستائين سر جي سجاٽپ نہ ٿئي ۽ ائين ئي ڏڪ ھٽبا تہ اھي ھوائي ڦائر ٿيندا ان مان ڪو ڪڙ تيل ڪونہ نڪرندو. جنھن ڳجھارت ۾ ٽن کان وڌيڪ سرن وارا پاوا ھجن ان کي ست سري ڳجھارت چئبو آھي. مثال طور ڪا ڳجھارت آھي جنھن ۾ ماروي، سسئي ۽ سھڻي ٽنھي سان لاڳاپيل ڪا نہ ڪا ڳالھہ

آهي تہ اها ڳجهارت ست سري چئبي. ست سري ڳجهارت جهورڻ يعني پجڻ ۾ آسان هوندي آهي.ست سري ڳجهارت جو هڪڙو نمونو ڏسون.

ٻن نرنائن وچ ۾ اکر آئون نہ هياس،
نرنان بنان شهر ۾ منهنجو روح ناهي راس،
ڪاٺ جون پايو رچن ۾ چم جون چڪينڊياس،
عضوي ائين ويندياس جيئن گاهہ مڃي نرنان جي،

هن ڳجهارت جا پاوا ۽ پڄاڻي هن طرح ٿيندي:

(پاوا: نالو هڪڙو هوت نالوبيو بلوچ، اکر جو باب، نرنان راڻو، شهر ڪاڪ، ڪاٺ جون مانڌاٽيون، رچ ماٽيون، چم جون چهبون، عضوي جي تري، مڃي سٽي، نرنان مهار، گاهہ ناڙو)

سسئي : هوتن ۽ بلوچن جي باب آئون نہ هياس،
مومل : راڻي بنان ڪاڪ ۾ منهنجو روح ناهي راس،
مرئي: مانڌاٽيون مٽن ۾ آئون چهبون چڪينڊياس،
سهڻي : سٽي نڙ مهار جو تري آئون وينڊياس.

هڪ ٽيپي يا ٻہ ٽيپي ڳجهارت پجڻ ۾ مشڪل هوندي آهي چو تہ ان ۾ ڏڪ هٽڻ جو صرف هڪ آفشن هوندو آهي. سنڌ ۾ تہ هڪ هڪ پاوي لائي سگهڙن ڊگها دگها بيت چيا آهن جن ۾ پاون سان منسلڪ تقريباً تمام شين جا نالا اچي وڃن ٿا.

ڳجهارت تڏهن پڄندي آهي جڏهن اهو لفظ پڇيندڙ چوندا آهن جيڪو لفظ پاوي ۾ لڪل هوندو آهي. جنهنج و اندازو مٿي ڏنل ڳجهارت مان اچي ويو هوندو. اگر انهي لفظ جي هم معني وارو لفظ ڪو چوي ٿو تہ تہ چوندا چاليهين پڪين واء اچي ويو. مثال طور پاوي ۾ لڪل لفظ " پير" آهي پر اگر ڪو چوي ٿو "پڳ" تہ ٻہ ڪڏهن ڪڏهن ڳجهارت ڏيندڙ چوندو "ادا چالهين پڪين واء اچي ويو." ۽ هو ڳجهارت جو سال ڪري ٻڌائيندو. ڳجهارت ڏيندڙ سڄي ڳجهارت سيني پاون سميت وري ليہ سان ٻڌائيندو جنهن کي ڳجهارت جي زبان ۾ سال چئبو آهي ٻنيءَ ۾ ان کي "سيل" ٻہ چوندا آهن.

ڳجهارت کي سمجهڻ لائي وڌيڪ هڪڙو مثال ڏسون تہ ، مثال طور سسئي سادن لفظن ۾چئي ٿي تہ "منهنجو پيار پنهل سان." انهي جملي کي اگر ڳجهارت جي زبان ۾ چوندي تہ چوندي " منهنجو نالو نالي سان" هتي نالو ۽ نالو ٻئي ڍڪ وارا لفظ آهن. پهرئين

نالي مان نالو ٿيندو ”پيارو“ يا ”پيارل“. ۽ ٻئي نالي مان نالو ٿيندو ”پنهون“ .اهي نالا ڪي عام به ٿي سگهن ٿا ته لوڪ داستان وارن ڪردارن وارا به ٿي سگهن ٿا. هتي پيار ۽ پنهل لاءِ پاوا ”نالو“ ۽ ”نالو“ استعمال ٿيل آهن. ۽ انهي ڳالهه ڪي سسئي هيئن به چئي سگهي ٿي ” منهجو نالو نرنانءِ سان“.

ڳجهارتن ۾ جيڪو صفت تجنيس جو استعمال ٿيندو آهي. تنهن صفت تجنس جا ڪجهه قسم به آهن جيڪي هن طرح آهن.

(1) تجنيس تام ؛ مٿين مثال ۾ پائي جي هر هڪ لفظ ”پيارو ۽ ”پنهل“ جون به مختلف معنائون آهن. اهڙو لفظ جنهن جي لکٽي ۽ اچار ساڳيو هجي پر معنائون مختلف هجن ان ڪي علمي اصطلاح ۾ تجنيس تام چيو وڃي ٿو.

(2) تجنيس زائد ؛ ٻن هم آواز ۽ هم صورت لفظن مان هڪ جي شروع ۾ اکر زائد زائد (واڌو) هجي . جيئن ”نٿ“ ”منٿ“ ”هار“ مهار“ وغيره.

(3) تجنيس مرتب؛ ساڳي لکٽين وارن لفظن مان هڪ مرڪب ۽ ٻيو منفرد لفظ جيئن ”ڪارب“ ( رب طرفان ) ۽ ڪارب(ڪاٺ جي شيء جو نالو آهي)

(4) تجنيس مضارع ؛ ٻن لفظن جو ساڳيو آواز مگر صورتخطي (لکٽي) مختلف هجي جيئن ”حليمان“ ، ۽ ”هلي مان“ وغيره.

(5) تجنيس ناقص ؛ ٻن لفظن ۾ اڻ پوري هڪ جهڙائي جيئن ته ”ڪَن“ ”ڪُن“ يا ڪِن وغيره.

(6) تجنيس لاحق؛ هم وزن لفظ جي پهرئين لفظ جي تبديل مثال طور ”ٻار“ مان ”پار“ وغيره

مٿين وضاحت علمي لحاظ کان گرچه پيچيده آهي پر ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته اهي صفتون ڳجهارت کي فني، ۽ ڳوڙهيون ٻڻائين ٿيون گڏوگڏ سهڻيون ۽ جازيب به ٻڻائين ٿيون.

ڳجهارت ۾ پاون، تجنيس ۽ تلميح جو پاڻ ۾ هڪ لاڳاپو. ڳانڍاپو يا ڪٽي چئجي امتزاج هوندو آهي. پاوا ڳجهارت روپي ڪنوار جو پردو آهن ته تجنيس ۽ تلميح ان جا زيور آهن جيڪي ملي ڳجهارت جي حسن کي ٻيڻو ڪن ٿا. جيڪو سگهڙ پاون ۽ ان جي اندر لڪل تلميح ۽ تجنيس کي جيتري قدر سٺي نموني پروڙي سگهندو اهو ڳجهارت کي اوترو ئي آسانيءِ سان پيچي سگهندو.

پاون جا مکيہ ٽي قسم ٿيندا آهن. (1) خاص اسم ۽ نالا. (2) عام اسم ۽ نالا. (3) نالن جون اضافي وصفون.

(1) خاص اسم ۽ نالا: خاص اسمن ۽ نالن ۾ مردن عرتن، شهرن ولايتن جا نالا اچي وڃن ٿا.جي پاون جي صورت ۾ نرنانءِ، نرنام، نالو، شهر ۽ ولايت طور چئبا آهن.

(2) عام اسم : عام اسمن ۾ مرن، پکين، جيتن، يعني ساهہ وارن جا نالا ۽ پڻ وڻن، گاهن، پوکن، وکرن ۽ ٻي هر جنس جا نالا اچي وڃن ٿا.

(3) اضافي وصفن وارا پاوا: اضافي وصفن وارن پاون ۾ ”جو“. ”جي“، ”جا“ وغيره جهڙن اصافي حرفن وارا پاوا اچي وڃن ٿا. مثال طور ”وڻ جو“، ”وڻ جي، وڻ جا “ وغيره.

ٻنيءَ جي سنڌي ٻولي هاڻي سوڙهي ٿيندي پئي ٿي وڃي جنهن جو اثر ڳجهارتن جي پاون تي يا ڳجهارتن تي پيو آهي. سنڌ ۾ جيڪا وسعت يا گهرائي ڏٺي وڃي ٿي، ٿي سگهي ٿو اها وسعت شايد ٻنيءَ ۾ ڏسڻ لائي نہ ملي. ٻني مال مالوندن ماڻهن جو ملڪ آهي ان ڪري مال سان منسلڪ پاوا گهٽا ئي ٻڌڻ لائي ملندا. باقي ڪيتي ٻنيءَ ۾ ٿئي ڪونہ انهي ڪري ٻني ۾ هاڻي ڪي مخصوص ئي پاوا ٻڌڻ لائي ملن ٿا. سنڌ ۾ مروج پاون واريون ڪي ڳجهارتون تہ ٻنيءَ ۾ ٻڌڻ لائي بہ نہ ملنديو آهن. پنهنجي حساب سان پاوا ننوان گهڙي بہ سگهبا آهن. پاوا ملڪ، علائقي جي ماحول، جغرافيا ۽ ڪرت ڪارين جي حساب سان وابستہ هوندا آهن. ٻنيءَ ڪي پنهنجو هڪڙو ماحول ۽ پرويش آهي ٻنيءَ ۾ خاص ڪري هن طرح جي پاون واريون ڳجهارتون ڏنيون وڃن ٿيون.

- اپ جا.

تارا، ٽيڙو، گرهہ، اپريا، لٽا، ڪڪر، بادل، وسڪارا، ڳڙا، مينهن، نکٽ.

- اپ جو:

نکٽ، وچون، قطب، سج، چنڊ، تارو، جهڙ، وڏر، بادل، مينهن، وسڪارو، ڪوهيڙو، جهولو، ميگهہ.

- اپ جي:

ڪنڊي، ڪٽ، وڄ، انڊلٺ، برسات، بارش، بوند، ڦڙي، ڪنوڻ، بجلي، ٻني، رات، لڪ، سردي، گرمي،

- اکر جا:

هن پاوي ۾ الف کان وٺي ”ي“ تائين جا سيئي اکر اچي وڃن ٿا. تنهن کان علاوه اکر جا نقطا، ٽپڪا، ڪارا وغيره.

- اکر جو :

انگ، وٽ، ليڪو، پيش،حرف، باب، صحيح، غلط، ڪارو، وڏو، ننڍو، سنهون، ٿلهو وغيره

- ان :

سيني انن جا نالا، چانور، ڪڻڪ، ساريون، مٽر، ڇٽا، مڱ، مڪائي، تر چونرا، پرٽ، سانئون وغيره.

- ان جا :

ڏوڏا، ٽويا، ڪاسا، داڻا، چلا، پاندا، ڪرا، ڦلا، ڪوڪلا، ڪيٽ، پيليا، پوڪيا، لٽيا، وڍيا وغيره.

- ان جو:

اگهه، مڻ، خرار، ٽويو، ڪاسو، پٽ، ڏارو، اٽو، ميدو، ڳارو، پڪ، لابارو، اٽاڻ، بوسو داڻو، ڪٽو وغيره

- ان جون.

ٻوريون، گنديون، ٻليون، ڪوٺيون، منيون، پريون، ٻڪيون ، ساريون،

- ان جي:

ڇڙ، ڇنڊ، پاٽي، چوٿائي، ماني، ڪچٽي، ڪٽي، ٿهي، ٻُري، پلي، چاٽي، ڏڏڙي، ڏڳي، مٺ، ٻوري، پري وغيره.

- اوزار :

ياڪي، ڪتر، ڪينچي، واهولو، ڪارائي، رندو، رنبي، سيراهي، ڪمان، هٿوڙو، ڪهاڙو، رواٽ، انبوري، سئي، ليول، گرمٽ، چيٽي، پڪڙ وغيره.

باهه يا چيري جا:

اگڙ، اڏمان، ٽاندا، تجلا، اهاء سڙيا، جليا، ٻريا، دونهان، پنيٽ، پڙڪا، الا، وغيره.

باهه يا چيري جو:

## ڳجهارتون : ڪلاڌر متوا

ٽانڊو، سڙيو، ٻريو، جليو، ڪاميو، پڙڪو، مچ، دونهون، ڪوئلو، وسامڻ، ڪوئلو، پچڻ، لڳڻ، مچڻ، سوجهرو، ساهو،

- ٻاهه جون:

اماڙيون، ٽانڊيون، ڏياٽيون. چيپون، سڙيون، ڪاميون، ڪائيون، اجهاميون، وغيره.

- ٻيڙي :

ٻوندي، ٻتيلي، ٻيڙي، ڪشتي،هڙي وغيره

- ٻيڙيءَ جا:

پور، ڏڪا، لها، هاڪاريا، ناڪئا، سونهان، ملاح، ميربحر، مهاڻا، رسا، سڙه، ٻڳهه لاجوبند وغيره.

- ٺڪر جا:

ٺڪر جا نالا، دلا، گهڙا، پارا، ڪونڊا، ڪونرا، لوٽا، طباق، طس، مٽ، ڍڪڻ، ڏيئا، پيالا،

- ٺڪر جون :

ماٽيون، دليون، پاريون، دانگيون، گهڙيون، پاتيون، لوٽيون، ڍڪٽيون وغيره.

- ٺڪر جي:

ماٽي، گهڙي، دلي، پاٽ، گهاگهر، گهگهي، اکري، سٽڪ، وغيره

- پاراتي جو:

پٽيو، وڍيو، ڪٽو، ماريو، مئو، پريو،

- پکي

هن پاوي ۾ سيني پکين جا نالا اچن ٿا. تتر، ڪبوتر، مور، پاريهل، وهيو، سرڻ، هاڙي، هنج، ڳز، ليلو، چتون، طوطو، ڪڪڙ، عقاب، ٻوڙي، هولو، چاپاڪو، سانباهو، بانشو، هريو، ٻاٽونيڙ، جهرڪي، چمرو، ڳجهه، ڪانگ، سارس، وعيره.

- پکين جا.

ٽولا، ولر، آنا، آکيرا، آنتا ڦيرا، پنجا، ڪاڏا، چيچاٽ، آواز. وغيره

- پکيءَ جي:

چين چين، ڪوڪ، رڙ، چانگار، تنوار، دانهن، سسي، ڳجي، ڪوري، نري، ٽڙي، ڪٽي، پٽي، ٻٽي،

- پکيءَ جو:

آلاپ، سر، مٺو، سينو، پر، آکيرو، اڏڻ، وهن، تنوارڻ، لنوڻ، ڪرڪڻ، وغيره.

## ڳجھارتون : ڪلاڏر متوا

- پنڊ :
اوڏو، لمون (پري) اهڪو،سهڪو، اڙانگو، ڏکيو، سکيو، آسان وغيره.
- پنهنجا :
عضوا، هٿ پير، قول قرار، حال احوال، بخت، ڀاڳ، ماما، ڪاڪا، چاچا، ماسات، پڦاٽ، سوٽ، ماروٽ، پوٽا، ڏوهٽا، مائٽ عزيز وغيره.
- پنهنجو:
پڳهر، ڪرم، نصيب، ڀاڳ، رت، شوق، عشق، روئڻ، ڪلڻ، عقل، شرم، حق، جسم، روح،
- پنهنجي:
رهاڻ، مجلس، موڪلاڻي، پرچاڻي، مت ، قبر، صلاح، دل، لڄ، ناموس، عزت، شهرت، وغيره.
- پوک :
سيني پوکن جا نالا، ڪڻڪ، جور، ٻاجهري، تر، مڱ، چونرا، ڪورڙ، ٽماٽا، مها، ڪدو، ڪوتمير، پٽاٽا، واڱڻ، پيندا وغيره
- پوک جا:
سلا، ڪنڊا، وڍيا، ڪٽيا، ٻنا، ٻارا، ننگليا، وڏيا، سڪا ، ساوا، لٽيا، ڪرا، ٻوريا، ڦلاريا،
- پوک جو:
ان، ٻنو، ٻارو، ٻاڻ، رونبوو، فصل، ڪمدار، زميندار، پراڙ، ڪيڙڻ ، وڍڻ، لٽڻ، سوئڻ، سڪائڻ، پڇنڊڻ، ٽويو مڻ، وغيره.
پوک جڳ:
وڍي، ڪٽي، لٽي، پڙي، ڪيڙ، ساوڪ، ڪري، ونڊ، ورچ، ڀاڻي، چوڻائي، ول، وغيره.
- جبل:
تمام جبلن جا نالا، ڪارو، ڪانيو، پب، همالا، هاڙو، گنجو، ڪارو، گورو، ڏيٽوڙر، وغيره.
- جبل جا:
لڪ، لنگهه، گهٽ، گهيڙ، غار، ٿور، پهڻ، گس،
- جبل جون:
چوٽيون، چاڙهيون، لاهيون، لڪيون، ڇپرون، چرون، گڦائون، وغيره.
- جر جا:

غوطا، غوغا، ڪرڪا، ڪاوا، گهمرا، ڦيرا، ليڪا، لڙها، تارون، ملاح، ماڇيءَ، پٽرا، گهڙا، دلا، تلاو، وهڪرا، ڦڙا، ٽوبا، ڦوهارا، ساندارا، لڙها، اڇا، پاڪ، ڪوهه، آوارا، حوضَ وغيره.

- جرجو:

ڦوٽو، وهڪرو، منو، ڪارو، باڙو، ريلو، سيمو، لڙهو، لاڙو، تلاءُ، حوض، موتي، ترڻ، تڙڳڻ، پاتار، چيهه، ڪنارو، گهيڙ، ڪوهه، نيس، آواڙو، ريٽ، ٻيٽ، جهاز، مڇ، دلو، گهڙو، مٽ وغيره.

- جر جي ؛

ننئي، ندي، سانداري، ٻدڪ، ٽبڻ، ٽبي، موري، ڦڙي، لپ، مڇي، ڪشتي، ٻيڙي، ٻونڊي، پخال، اونهائي، گهرائي، پاڪائي، وغيره

- جيت يا جيوڏ:

تمام جيتن جا نالا، اڏوهي، مڪري، پميوري، ڏير، سپ، لنڍي، ڪڻ، پيهڻ، ڪرڙي، ٻه منهي، ڏينيو، اجگر، نور، ساندو، چچڙ، گڏر، گهينگو،ماڪيءَ جي مک، منگهڻ، ڪت، مچر، مزو، وغير

- جيت جو ؛

ڏنگُ،ڏنگڻ، ڪڪڻ، زهر، وِهه، ليٽو، سرڻ،

- جهنگ جا:

چاريانگ، ٻيلا، ٿمر، وڻ ٽڻ، ڪنڊا، ڪک، پٽر، پهڻ، تلاءُ، پيچرا، رستا، ٻوٽا، مرون، پکي، پڊ،

- جهنگ جون:

ماڪيون، پٽون، واٽون، ڪنييون، هڙيون، ڍنڍيون، ڪنييون، نيون وغيره.

- جهنگ جي ؛

ماڪي، واٽ، وڏڪار، رڇ، ساوڪ،

- جهڻ جو

مکڻ، ڏڌ،

- جهڻ جي

لسي، ڇاڇ، چائي،

- چم جا:

پٽا، ٿيلها، اڪيا، موزا، ڪشا، ساندارا، ٽڙا، بوٽ، چمپل وغيره.

- چم جون،

پيٽيون، ڇهون، تندون، خرزينون، ڪلون، نٽون،

- چم جي :
ورت، ڪل، پيتي، سانداري، جتي، پنجوڙ ڪام، ڏبي، ڪور، وغيره.
حاڪم :
حاڪمن جا نالا، راجا، بادشاه، نواز، رئيس،
- حاڪيماڻا : دڙڪا، سڏ، حڪم، ڊپ، قلعا، خزانا، هيرا، موتي، گهوڙا، رسالا، عهدا، ارادا،نوڪر، خزانا، پيسو، آداب، بنگلا، توبچي، هٿيار، مورچا وغيره
حاڪم جو :
آرڊر، حڪم، خط، تاج، دڙڪو، لشڪر، سپهه سالار، وزير، گرز، قول، قرار، تخت، بخت، پيغام، لاءُ لشڪر، وغيره
- حاڪمن جون : چانوٽيون، جاگيرون، پانهيون، گوليون، ٻڇيون، تلوارون، ڪچهريون، مجلسون، فتحون، سڪستون، ڏاڍايون، ارڏايون، ڏنگايون، چڙٻون، آساميون، رهاٽيون وغيره.
- ڏڌ جي : ماٽي، مهي، چاڏي، ولوڙ، چاهہ، چاچ، لسي، جهڻ،
ڏينهن : ڏينهن جا نالا، ننيو، وڏو، ڇنو، گرم، ٿڌو، سرد، جمعو، ڇنڇر آچار، سومار ...... وغيره
ڏينهن جو: ٽڙڪو، ساهو، ڪاڙهو، پهر، پهل،
ڏينهن جي : اڳين، وچين، شام، ورانڊ، ٻپهري، چانو، گهڙي،
- ذات جا :
تمام ذاتين جا نالا، سمان، سومرا، جت، نهڙي، هاليپوٽا، جهانجهڻ، پيسڪ، خاصخيلي، جاڙيجا، سوڏا، چانگ، مري، موچي، لنگها، ٻاوا، برهمڻ، گوسائي، پنهور، حاجاٽي، هاشمي، حيدري، لنڊ، نوتيار، سهتا، بازيگر، دهلاري، درزي، ڏاريجا، حملاٽي، ڪاپري. ڪوٽيا، ڪڙمي، ڪنير، چاموٽ، ساڌ، صوفي، سالڪ، ٻڪرار، ريدار، سوداگر، چوڌري، قريسي، ڇڳير، گجر، ٻانيڻ، بروهي، مارو، ياٽيا، پند، ٽيٻا، ٿهيم وغيره.
- راڳ :
راڳن اجا نالا: ڪلياڻ، يمن، ڪنيات، سريراڳ، سهٽي، ساموندي، سارنگ، ڪيڏارو، ديسي، ڪوهياري، حسيني، سورٺ، بروو، راڻو ڪاهوڙي، رمڪلي، رپ، ليلان چنيسر، بلاول، پورب، پهاڙي، پنچم، ملهار، مالڪوس، ديپڪ وغيره
- راند :

## ڳجهارتون : ڪلاڏر متوا

راندين جا نالا، ارچڪ مرچڪ، ڪنگر ڪلوٽي، ڦرڦر سوٽتو، سائي سڪي، جهوجهو ماٽي، اٽي ڏڪر، شطرنج، ونجهوٽي، چوپڙ، لنگڙي وغيره.

- راند جا:

هل، هنگاما، هوڪا،هوڪرا، ڪوڪرا، واڪا، ڳنهوڙا، راڳ، روپ، ڪيٽا، انگل، وارا، رسڻ، پرچڻ، گلَ، بلورَ، لغڙ، پيچ، داوَ، وغيره.

- راند جو :

هل، ڏڪ، ڏارو، هوڪارو، ڪوڪرو، ساماڻ، ڏڙهو، ونجهه، درياء، رسڻ، پرچڻ، وڪٽ، لين ، مون، نار آر، وهي، يڪ، ٽڪو، اڪو، سچ، چِٽو، مٽيءَ منڊو ماڪوڙو، شوق، پاسو، ليڪو، ڏوڙي، ڏوڪي وغيره.

راند جون، هڪلون، چوٽون، ڪسرتون، ملهون، ٽاڪيون، دريون، ٻاريون، پڪيون، ڪچيون، ڊوڙون، رمزون،

- راند جي: ڪوڪ، رڙ، لڪ چپ، آڳ، ٽل، اٽڪل، ڪسرت، تاس، ناڪيل فوسيل، ڪبڊي، جهٽي، لڪائي، ٺڳي، ڪپت، ڏوڪ، بازي، پري، گولي ،آٽي، گڏ، گڏي وغيره.

- رڃ :

رڇن جا نالا، ڍڪڻ، پرڻ، دلو، تاسري، طس، لوٽو، دلي، گڏون، ديڳڙو، ڪونڊو، ڪنو، ٿالهه، ٿالهي. چمني، طباق، ديگ، ڊاڪون، ڪستو، ڪٽلي، ڪوپ ساسر وغيره.

سٽ جا:

وٽ، ڏاڳا، سڳا، وٽيا، ويڙها، بخيا،ڏورا، ڪتيا،

- سٽ جو :

تنگ، ٽونر، جهاٻو، جهوڙو، اڳٽ، ڳانو، بخيو، ٽانڪو، ٽوپو، ڪنڊڙو، ڪپڙو، وٽ، ڏورو، ويڙهو، وغيره.

- سٽ جي :

ڏوري، ڦاهي، ڦاسي، مهار، رڪڙي، انڊاري، ويڙهي، ڪتي، پڃي، وٽي، رسي، لوئي، ٽٽي، سبي، جوڙي، وغيره.

- سوداگر جو: ڀاڳ، نصيب، سودو، واپار، وٽج وغيره.

- سوداگر جي : ساعت، قسمت. مهل،

- شهر:

## ڳجهارتون : ڪلاڏر متوا

شهرن جا نالا، لڪپت، پچ، ملير، ڪنيات، ڪاهوڙ، گجرات، واڳڙ، وڳهہ ڪوٽ، ڪراچي.
ڪلاچي، جهونا ڳڙهہ، اجمير، جڳسلمير، ڍاڪا، ٿرپارڪر، ڪابل، قنڌار، منا، مدينو، مڪو،
عرفات، چين، بلڙي، دهلي، دڪن، هنگلاج، استنبول، ڪلڪتو، حيدر آباد هير اباد، ڪاڪ،
مصر وغيره.

- عضوو

هن پاوي ۾ عضون جا تمام نالا اچي وڃن ٿا. مٿو، نڪ، چپ، لب، هوٺ، نراڙ، هٿ، ڪن، دل،
اکيون، پتو، جئو، جيرو، ڪڇ، تري، پنا، ڪمر، ڳريو، ڪانڌو، زبان، چپ، ڪياڙي، وچاڙي،
ٺونٺ، ٻانهن، آڱر، وغيره.

عضوي جا:

وار، هارسينگار، پاسا، اشارا، سلام،

- عضوي جو: چميو، پاسو، سنڌ، هڏ، پنو، ماس، چم، هنيون، قلب، ننهن، ليو، لياڪو، لب،
هٿ، پير ، آڱوٺو، گوڏو، رنتو، جئو، جگر، آندو، وغيره.

- عضوي جي: مک، هنج، ٻانهن، اک، لڪي، هڪي، شڪل، شبيح، پنبٽي، پيشاني، صورت،
آڱر، وغيره.

- علم جا:

قل، ڦيٽا، اکر، تعويز، ورق، سيپارا، ڪتاب، حافظ، مولوي، استاد، جملہ، نقتا، پيش، خطبا ،
لفظ،وغيره.

علم جون:

زيرون ، زبرون، پڙهٽيون، لڪٽيون، معنائون، شدون، مدون، نوڪريون، صحيحون، وغيره.

فقير جا:

ميڙ، سوال، ڪستا، ڏنڊا، ڪونڊا، نشا، قند، ڦيرا، چاليها وغيره.

- فقير جو :

نانگ، آلاپ، سوال، ڪستو، حال، دين، ڦيرو، گهرڻ، مڱڻ، پنڻ، وغيره

- فقير جي:

دعا، پٽ، سدا، مرلي، عاشقي، ساجهہ، گدائي، گودڙي، ڪستي،

- ڪاٺ :

ڪاٺين جا نالا، ساگوان، شيشم، بانس، ٻير، آڏو، ڦڏو، ڏنگو، ونگو، ٿلهو، ڪچو، پڪو،
ٻلانگهہ، پيڻ، چوٺو، دگهو، سئون، سڌو، ڀڳل، وهريل، چليل، وڍيل، ٽڪيل، تريل، وغيره.

- ڪاٺ جا:
چوڏا، تاڙا، پينگها، وڍيا، ٽڪيا، وهريا، چليا، من، پلانگھ، هندورا، دروازه، در، ڏڪَ، هر، لڙها، مل، ورا، اوبرا، ائٽ، هٿا، ڳن، وغيره.
- ڪاٺ جو:
ڳجهه، پينگهو، ڏڪ، هنو، پاڪڙو، هٿيو، نڙ، بند، لڙهو، مل، ورو، ڪپو، مارو، تاڙو، گوشو، صندل، بانٺو، ڏندو، ڪٽولو، ماچس، قلم، پاوو، سوراخ، سل، لاٺون، ڪبٽ، لڪڻ، پتڻ، رندو، ڏڪر، پيانو، چڪرو، ويلڻ، ڪوئلو، پيانو، منگهو، دونهون، مڇ، تخت، ڏڪ، ٽڪاء، هارمونو، سريو، پريو، ڏنڊڻ وغيره.
- ڪاٺ جون :
پيانيون، پسانگيون، تاڪيون، دريون، اڏيون، مهريون، مانداٽيون، ڦرٽيون، اٽيون، چاڪڙيون، ڪڙڪيون وغيره.
- ڪاٺ جي:
بندوق، صندوق، ونگي، ڏنگي، ڦڏي، آڏي، پسانگي، پلانڪي، موري، پياني، ڪرسي، ڳجهه، چوٽائي، منجڻ، صندل، ميز، اٽي، وغيره
- ڪاسبي :
هن پاوي ۾ تمام ڪاسبين جا نالا اچي وڃن ٿا. ڪنيار، موچي، لوهار، وادو، سونارو، حجام، ڪٽي، ڪاشيگر، چوڙيگر، ڌوبي وغيره.
- ڪاغذ جو:
اکر، حال، خط، لکيو، پرهيو، پنو، ليکو، حساب، وغيره.
- ڪاغذ جي :
وهي، بندي، چوپڙي، وغيره.
ڪتاب :
هن پاوي ۾ تمام مشهور ڪتابن جا نالا اچي سگهن ٿا. قرآن، گيتا، توريت، انجيل، زبور، شاهه جو رسالو، گلستان ، بوستان، بياض، وغيره.
- ڪتاب جو:
ورق، سيپارو، پنو، مهاڳ، مقدمو، ديباچو، لکيو، پرهيو،
- ڪتو: پلنگ، جانڊر، موتي، هيرو، ٽيپو، پکڙو، راڱو، تازي، بجو، پشوري ، وغيره.
ڪتي جو، رنگ، نسل، پونڪات، جهٽ، پڇ، نوسڻ،سوڪڻ، وغيره.

## ڳجهارتون : ڪلاڌر متوا

- ڪپڙو ؛

ڪپڙن جا نالا، هرڪ، بافتو، سلڪ، ريشم، ڪدر، ڪادي، پاپلين، ڪاٽن، صوف، ڏريو، ڦاٽو، ٻانڊٽو، ٿهو، ٿلهو، گربي، طيرو، ڪيمخاب، ڳاڙهو، بوسڪي، تسر ، لسو، ڪارو، ڪيسريو، ڳوڙهو، اڇو، ڏوتل، ميلو، ابتو، سبتو،

- ڪپري جا؛

پلاند، ڪنهنبا، پٽڪا، صافا، شان، ٿان، تاڪا، وڳا، گز، ميٽر، پڙ، جوراب، پردا، ٻر، وهاٽا، تڪيا، آٿر،

- ڪپڙي جو،

رومال، ٽوال، گج، پرو، ملير، اجرڪ، ريٽو، چادر، چولو، ڪڇو، پڪو، واسڪوٽ، مفلر، بوچڻ، انگوڇو، رئو، پلاند، صافو، پٽڪو، ڪالر، ٻيڙو، ٿهو، تاڪو، پاجامو، تنبو، بجڪو، ڪيسو، ٽونر، فراڪ، پاتو، پراٽو، نئون، اوڇڻ، اوڍڻ، پائڻ، وغيره.

- ڪپڙي جون؛

رليون، گودڙيون، رضائيون،ٽيلهيون، ٻوڪانيون، سبيون، جوڙيون،چادريون، اوٽيون، ڳوٽريون، چوليون، لونگيون، ڏوتيون، لانگون وغيره.

- ڪپڙي جي ؛

ربين، چادر، ڪور، رتي، پٽي، ليڙ، اڳري، ڳلي، ابتي، سبتي، زري، شال، گندي، هڙ، ڪانجهي، ڪانچ، مچرداني، ڏڙڪي، مهاري، صدري، فراسي، سوڙ، گودڙي، لونگي، چادر، پٽراٽي، ٽوپي، چر، چٽسالي،چيٽ، بجڪي، وغيره.

- ڪک جو؛

جهوپڙو، پونگو، چنو، تڏو، پيهو، ترهو، وچٽو، ڇپر، جهڳو، ڇٻو، ڪارو، مٽو وغيره.

- ڪاڇ ؛

ڪاڇ جا تمام قسم، ٻوڙ، ساڳ، مکڻ، مليدو، وسناڻ، وک، زهر، چوهارا، ڪجور، بسڪوٽ، ڪتل، ماني، پڪو، ڪچو، ڪيرو، ڪيرٽي، ڪڙهي، ملائي، مربو، ڪٽو، مٽو، ڪارو، ڪوڙو، زردو، چٽٽي، ٿوم، لسڻ، پٽاٽا، پنير، پالڪ وغيره.

- گاهہ؛

سيني گاهن جا نالا وٺي سگهجن ٿا، للر، لاٽو، لنپ، مڪٽي، چوچني، ڇيهو، ڇڙيو، پچٽي، پرٽ، سائون، مريڙو، سياروچ، پتر، ڇٻر، ڪوائي، ڳم، ڳنڊير، ٻڪن، ڪل، ڪهہ، رنجڪو، ڪانهن، لوسڻ وغيره.

- ڳاهه جو:
گل، پن، ڪک، اوڀڙ، ڪنڊو، سائو، سڪو، وڏيو، موريو، گڏو، ڪونو،وغيره
ڳاهه جي:
پري، ڪالر، ڏن، ڀاري، مٺ، ڪهڙي، ڪتر، چپ چٽ، نوڙي، رسي، وغيره.
ڳهڻ :
هن پاوي ۾ تمام ڳهڻ جا نالا ڪٽي سگهجن ٿا، نٿ، بولو، بئينسر، والا، جهومڪ، واليون، در، الولڪ، واڙلو، ڪڙيون، ماندريا، جهومڪ، جهنجهر، جهير، جهرمر، ڏانوٽي، پوپٽ، پنڙا، نصبيون، ٻندا، ايرينگ، ڦلڙي، وغيره.
- ڳهه جي :
ٽڪ، منڊي، قيمت، سارسنيال، ڪسوٽي، والي، ڦلي، ويندي، نٿ، ميخ، گهنگهري، ڪرڪ، ڏانوٽي، مينا، وغيره.
- گهوڙو:
هن پاوي ۾ گهوڙن جون ذاتيون ۽ قسم اچن ٿا، ڪاٺياواڙي، مارواڙي، سنڌي، هزاري، پنجابي، ڪميت، ڪارو، سرخو، ڊبو، ڊاکر، صافي، پنج ڪلياڻ، وغيره.
- گهوري جو:
هنو، هٽڪات، داٻلو، تنگ، پنڊ، رلو، من، قدم، لغام، توبرو، طبيلو، هلڻ، هٽڪڻ، پچ پير، وغيره.
گهوڙ جي:
انڌاري، تڪائي، ڊور، هٽڪار، سستي، مستي، واڳ، پست، ڏوڙ، چوس، چڪي ، وغيره.
لوهه جو:
پالا، گرز، ڪڙا، ڪرٽ، زنجير، ڪپ، ڪلف، اسڪرو، چڙو، مٽر، ڪوڪو، ڪل، چيرو، گلولو، تاڙو، ڪان، پاڳوڙو، رڪيب، چاقو، تئو، سوئو، ڊڪڻ، پستول، ريوالور، چمچو، ڪڙڇو، ڪل، ڪات، وغيره.
- لوهه جي :
ساهمي، سوئي، سنگهر، زنجير، ڪينچي، ڪاتي، چري،، ڪرسي، باڙدي، بالٽي، مشين، ٽنڪ، صندوق، سائيڪل، چاٽي، ڪڙي، تار، سيک، تلوار، ترار، چرخي، ڪئامار، چيٽي، ڪڙاهي ،انبوري، پڪڙ، وغيره.
- ليڪو :

ليکي جا نالا،ڏنو، ورتو، گهريو، لٿو، صحيح، غلط،

۔ ليکي جا:

انگ، سو، هزار، لک، ڪروڙ، ارب، پدم، ڪرب، ڍزن، روپيا، آڌيا، اڌيلا، ٽڪا، ٻڏا، چٽا، پئسا، ڪسيرا، ٽويا، ڪاسا، مڻ، سير، پاء،ڦوٽ، پرھ، هڪ. ٻہ ٽي.....الخ وغيره.

۔ ليکي جو:

ڳڻ، وال، انگ، جمع، اڌارو، گهريو، مڱيو، حساب، ڪتاب، پورو، اڌورو، وڌيو، گهٽيو، چڪتو، لهڻو، قرضو وغيره.

۔ مال :

هن پاوي ۾ تمام مالن جا نالا اچي سگهن ٿا. ڳئون، ڍڳي، گابي، گابو، ڍڳو، ڏاند،مينهن، پاڏو، وڇ، ٻياڻ ، ٽياڻ، ڪٽو، وڇ، ٻڪري، گدي، ڇيلي، ڇيلو، اٺ ڪنوات، توڏو، گونرو، ڏاچي، ڦندر، ڏاگهو، گهوڙو، وڇيرو، گڏھ، ڇانگو، ڪڇي، سنڌي، ٿري، مينهو، ڳائو، ريڍو،اوٺو ٻاڪرو وغيره.

۔ مال جا:

ٻڌا، واريا، ڇوڙيا، وٺاڻ ڪڏا، گهاٽيا، واڙا، ڏيرا، متارا، مهوڙ ولر، پيرا، ٽڻ، مٽر، چنگ، ڇڙا، توبرا، ڦر، گوشا، لڙا، ڪنڍيا، ٺُهرا، ڪانڊا، ڪڪڙا، پورا، سچا، ڪوٽا، مهندار، پهرار، ٻڇڙا، ڦترا، پلا، ٺلها، ٽنا، پيتا، ليڏوڙا، ڳانا، ڦيرا، گهمرا، ڏاتا، پيرا،

۔ مال جو :

نڪ، پڇ، آنڊو، سڱ، چوراپو، ڪاهيو، ٽنو، پيتو، ڏڌو، گهاٽيو، ڪير، گهي، ٽڙيو، ڍوراپو، گس، داڳ، چال، ڳپ، سرگهيل، سماڙو، پس، ڪر، هڏو، لڙو، ڳاٽ، ڳراهيون، پلو، ٿلهو، ونگ، ڏانوڻ، ارھ، رڙڻ، رڳڻ، ڍوڙڻ، هيچ، ڪوڪرو.آڦرو

۔ مال جون:

ڍڪيون. ٺلهيون، ويامون، متاريون، ڏيريون، تسياريون، ڦنڊيون، سئائون، آلوڙيون، ڪانگهاريون، ڪٽرون، مٺيون، ڦٽريون، هيجارون، ڌونريون، ڪاريون، ماٺڪيون ، پوريون، ڍوليون، پٽاريون، مستيون، ڇيرون، مٽريون، پياريون، مهارون، ڏهائيون، ساجهوٽيون، ڪکيون، رنپيون، ٿڻيون، آيون، ويون، ڏڌيون، پيتيون، گهاٽيون، واريون پهرايون،

۔ مال جي :

ڏڌي، پيتي، اٽي، ويٽي، پڳي، ٻوڙي، واري، ڪاري، نهري، رنپ،ڀڪ، هونگر، ڪوڪر، ڪنڌي، دبڪ، لس ڪني، ڦاڙي، چسي، ويائي، ڦري، ٽني، آئي، وئي، ٽنبي، اوڳر، رڙ، جهوڪ، پلي، ٿلهي، مهار، مهار، ڪٽر، متي، گجري، سائي، ڏونري، ستي، مناڻ، مڪڙي، ڪاري، پوري وغيره.

- متيءَ جا

ڪامان، ڏڙا، بنگلا، ڪوٽ، ڳوڙها، پنوڙا، گلولا، گهارا، درا، ٻنا، ٻنا، رانديڪا،ڊيبا، ٻورا وغيره.

- متيءَ جوڙ:

ماڙيون، مسجدون، دليون، ڪونڊيون، سون، گنديون وغيره

- مڇي :

مڇين جا نالا، پوپري، ڪرڙي، سهٽي، اهل، ٿوٽ، ڏنيڙي، گانگٽ، ڪرڙو، ڪڳو، سٽي، مرڪي،

- مرض :

تمام مرضن جا نالا وٺي سگهجن ٿا، تپ، ٻرو، بخار، ڪورهه، نزلو، چڪي، ٻرهال، موهيڙا، ڪنگهه، سائي، سهڪي، سلهه، دم، ساهه، سوري، پيچ بواسير، اپ ساهي، ملو، چالي، ڪنڌڳر، فرڙيون، پت، سوڄ، مرگهي، آفري، ڳرو، ڳرهال. مروٽ، ناڪيري، آرايون، ڦڦڙي، ڪارو واء، متي جو سور، چپ چٽ، سنڌين جو سور، دست، جلاب وغيره.

مرون:

هن پاوي ۾ به سيني مرن جا نالا ڪٽي سگهجن ٿا. سامبر، سهو، هرڻ، سور، پگهڙ، پولڙو، هاٿي، سيار، گدڙ، شينهن، سيڙهه، لومڙ، ڪتو، واڳون، تازي، مرو، لڏڙو، ڪچون، وڇون، چيٽو، مانگر، ڪمي وغيره.

مرون جو: چڪ، جهٽ، لنگهه، چرڪ، ڏند، جهيڙو، ٿرو، رانيوٽو، گرڻ، اوناڙ، ٻٽر،

مرون جي :

ٻچ، لوڌ، سنگهر، گوهي، شوخي، ٻوڙ، الر، رومڙ، گوڙ، گهور، اونائي، ڪاڏي، جهڙپ وغيره.

- ملڪ : ملڪن جا نالا،عربستان، ايران، مصر،لاڙ، ٿر، وچولو، واڱڙ، ڪوهستان، ڪيچ، ڪڇ، مڪران، ڪاهڙ، ڊٽ، ڪشمير، بنگال، هاڙهو، وغيره.

- ميوو :

## ڳجهارتون : ڪلاڏر متوا

ميون جا نالا، انار، انگور، ڍاڪون، چڪو، انب، ڪيلا، ڏارهون، ٻير، نارنگيون، ناش پاتيون، گدرا، انجير، صوف، ليمان، توت، ڪجور زيتون وغيره.

- نارناڻ :

هن پاو ۾ عورتن جا سبئي نالا وٺي سگهجن ٿا، آمي، آمنت، امت، ايمٽا،آسيت، آيل آئي، انوري، بلقيس، بانو، سنتو، سماني، سومل، مومل، ماروي، ماريت، سسئي، صاحبان، سندري، صالهان، ببيل، بانو، بوبنان، بوبا، بيگم، ٻائي، ٻانهي، دائي، ديواني، ٻيي، ٻاگهي، پاڳي، پاڳان،پوري، ڏاهي، چري، پالهي، پورهيت، پناٽي، پدمٽي، چترگٽي، پري، پياري، پوڙهي، جيئان، ڪيان، جنت، جيجان، جيوٽي، حورا، حميران، حڪيمان، چاڳان، خديجه، فاطمه، نوري، ماروي، صفوران، مٺان، جمنا، اندران وغيره

- نرناڻ :

هن پاوي ۾ مردن سان منسلڪ تمام نالا اچي سگهن ٿا، آدم، ابراهيم اشوڪ، آمون، آمن، الياس، الله داد، آچو، اصغر، اسماعيل، آغو، آگو بندو، بخش، بهاري لال، جيئو، جگر، ستيش، سندر، لڇمڻ، لڪمي، سٽورو، مهاديو، رام ،راڪيش، مفت لال، جاڳڻ، جهونجها، چڳون، چنيسر، عمر، مورڙو، سوڍو، مسنترو، تماچي، جرار، دودو، لاڪو، لاڪيار، ڪنگار، بهادر، سورهيه، جوان ، جوڌو، چاڳلو، ديوان، دلبر، دوسو، دلاور، دانا، ڏاهو، هوشيار، عقلدار، گامون، گاموٽ، رامون، رميش، طوطل، مورج مل، مجنو، وقار، ولي. هوتو، وغيره.

- وکر :

وکر جا نالا، هرتال، چوتال، ڪرڪس، ڪوپرو، ڪپور، شراب، سرمو، صابڻ، تماڪ، ناس، بجر، ڪيسر، جاڻ، ڳڙ، ڪنڊ، ڪٿوري، سوپاري، وغيره.

- ول :

سبني ولين جا نالا، ڪانئل، هير، وڻ ويڙهي، گول، ڪير ول، بي پاڙي، ناڙي.

- ولايت : ولايتن جا نالا، عربستان، ايران، عراق، آفريڪا، چين، روم، شريلنڪا، بنلاديش، اورنگ آباد،بهشت، جنت، يمن، يونان، مصر، ڪربلا، هنگلاج، هريدوار، برندابن، وغيره.

- وڻ :

وڻن جا نالا، آمون، اڪ، انب، هيرڻ، سرهن، لاٽو، ڪهي، ٻاوري، ٻير، ڪنڊو، سوپاري، ونجهه، آسر، نيٽ، ساتار، تار، ڪيتڪي، توت، چار، نم، ليمون، ڪرڙ، گرماڙو، ڪامو،

- وڻ جا:

ڦر، مور، موڙ، ڪپ، وڍيا، چيريا، ٽڪيا، چوڏا، ڏونرا، ڏيلها، پلڙا، ڪڪرا، ددڙا، ميوا، ٽار، ڪوپر، موريا، سڪا، ساوا،

- وڻ جو:

سڪو، سائو، موريو، ڪتيو، ٻور، چوڏو، ڪپو، پڪو، ڪچو، ڪونر، ٽڙ، مور، لاهه پور، گل، ڦل، ٻج، ڳپ، ٽار، ميوو، ڍگهو، گهاٽو، ٿلهو، ڏندو، لڪڻ، ڏڪو، رس، اسريو، نسريو، ڍنگهر وغيره.

- وڻ جون:

ٽاريون، ڪامون، چاڻون، سوپاريون، پاڙون، لامون، چاڻون،

- وڻ جي :

پسي، مڪ، سوپاري، ٽاري، اڪ، نموري، چانو، جهول، جهل، چانپ، لام، ڪام، لاڪ، ڪل، ڏار، وغيره.

- هٿيار :

سبني ڪٽيارن جا نالا، تيرڪمان، گز، بندوق، گولي، ڪاتي، چري، ڪهاڙو، ڪهاڙي، ترار، تلوار، توب، چال، ڀالو، ٻٽيچي، خنجر، نيزو، ٻاڻ، ڪمند، لٺ، لڪڻ، نيٽ، گرز ڪان، دونالي، گهوٻاٽو، ٻانٺو وغيره.

- هندو : عامل، ديوان، برهمڻ، ويشنو، واڻيو، ڀيل، ميگهواڙ ڪولهي، باگڙي، ڪوچڙو، سنياسي، جوڳي، آديسي، لانگوٽيو، پنڊت، گوسائي، موچي، ڀنگي وغيره.

- هندوءَ جو:

رام، ليکو، حساب، هٽ، شوالو، مندر، تڪاٽو، جٽيو، انگوچو، لانگوٽو، تلڪ،

- هندوءَ جي :

وهي، بندي، مڙهي، ڪنيا، پوٽي، پوجا، پلٽي، چوٽي، ڌوتي، پڳڙي، وغيره.

# شڪرگذاري

(1) انڊس ايجوڪيشن فائونڊيشن ـ پونا.
(2) شري لڇمڻ خوبچنداڻي ـــــ پونا
(3) شري جيٺو لالواڻي ـــــ احمدآباد
(4) شري ميان حسين متوا ـــــ ڏورڏو
(5) شري مظهر دين متوا ـــــ ڏورڏو
(6) شري محمود متوا ـــــ ڏورڏو
(7) شيخ سجاول جاني ـــــ . ڏورڏو
(8) شري عيسا پائي متوا ـــــ گھوريوالي
(9) شري نباب خان متوا ـــــ گھوريوالي
(10) شري ادل متوا ـــــ گھوروالي
(11) شري سڄڻ هريجن ـــــ گھوريوالي
(12) ملڪ مقبول متوا ـــــ پٽگھار
(13) شري محمد رفيق متوا ـ پناهواري
(14) شري شعيب متوا ـــ پناهواري
(15) شري الله بچايا متوا ـــ پناهوالي
(16) شري حاجي ڏٺي بخش متوا ـــ اڏو
(17) شري حفيظ الله متوا ـــ اڏو.
(18) شري حاجي ميان احمد متوا ـ سيٽياڏو
(19) شري جليل مجنا متوا ـــ سيٽياڏو
(20) شري حامد متوا ـــــ سيٽياڏو
(21) شري عاقل هاليپوٽا ـــ ارندا واري
(22) شري امين هاليپوٽا ـــــ ارندا والي
(23) شري هاشم هاليپوٽا ـــــ مهر علي واند
(24) شري حسام الدين هاليپوٽا ـ ريلڙي
(25) شري نور محمد هاليپوٽا ـ سهراباڻي واند

(26) شري هاشم هاليپوٽا ـــ سهراباڻي وانڊ

(27) شري يونيس ڏوسل سمان ـ لاکا وانڊ

(28) شري حسن سمان ـــ جوٽا

(29) شري سومار واگهاڻي ـــ ڪرن

(30) شري پٺائي جت ـــ راوريسر

(31) شري صالح محمد جت ـ راوريس

(32) شري حاجي حسن ـــ تيهرا

(33) شري عثمان نوتيار ـــ لکپت

(34) شري علي بچايا جت ـــ مهاڙي

(35) شري عثمان غني استاد ـ بچ

(36) شري رمضان جيئيجا ـــ لوٽا

(37) شري يوسف متوا ـــ ڦلائي

(38) سري غلام صديق ـــ منڙي.

(39) شري لالجي سوٿهڙ ـــ ويڙهار

(40) شري جعفر عيدا سومرا ـ سرگو

(41) شري سليم نهڙي ـــ سرگو

متي ته نالا آهن انهن سڄڻن جا جن وٽان اسان کي ڳجهارتون مليو . پر تنهن ڪان علاوه جن سڄڻن اسان کي ڳجهارتون سيڙهڻ واري هن ڪم ۾ جنهن به طرح سان ڪائي ٿوري مدد به ڪئي آهي انهن جا به اسين نهايت ئي ٿورائتا آهيون.

## سرسسي

(1)

جنهن سان نالي مال جون سي هوت ويو ڙي اديون.
جنهن سان عضوي مال جون سي هوت ويو ڙي اديون.
فقير منجهه ٻوليون نہ حاڪماڻيون هيون نرنان سين.
- نالو جيئڻ. مال جون جڙيون. نرنان جانب. عضوي جون اڪيون. راند جون رڙيون. نرنان عاشق. فقير جو روح. ٻوليءَ جي ريهہ. حاڪم جي رهاڻ. نرنان پنهون.
پيڇٽي : جنهن سان منهنجون جيءَ جڙيون هيون سي جانب ويو ڙي اديون.
جنهن سان منهنجون اکڙيون اڙيون سي عاشق ويو ڙي اديون.
رهيون منجهہ روح رهاڻيون منهنجي هوت پنهونءَ جون.

(2)

دوست دريا جو رانول رچ ٿيو،
آئون اوهان سان مال جي
تڏهن مونکي ملڪ جو تہ ڏيو.
- دوست ڪيچي. دريا جي ڪڇ، رچ جو ڍڪ. مال جي هري. ملڪ جو آسرو.
پيڇٽي : ڪيچي اوهان مون ۾ ڪڇ ڏٺو.
اوهان کي ڍڪڻو تہ هو.
آئون اوهان سان هري تڏهن مونکي آسرو تہ ڏيو.

(3)

ٻني جن جي هياس ٻني سي نہ ٿيا،
ٻني چڏي سپرين ، ٻني جيئن هوت ويا.
ٻني سنيوڙي. ٻنيءَ جو ٻيلڻ. ٻني ستي. ٻني ڍڪي.
پيڇٽي : سميوڙي جن لاءِ هياس، ٻيلي سي نہ ٿيا.
ستي چڏي سپرين ڍڪيءَ هوت ويا.

(4)

زمين تي ان جا پچن، نرنان هو مال جا ڏيو پيا وجن.
- زمين جي سِر. ان جون سيڪون. مال جون پنٿون. نرنان ڏير.
پيچٽي ؛ سر مٿي سيڪون پچن،
ڏير هو پنيون ڏيو پيا وجن.

(5)
گندي ڏيرن من ۾ گندي ڏير نہ ڪن.
- گندي ابتي. ٻي گندي سبتي.
پيچٽي ؛ ابتي ڏيرن من ۾ ، سبتي ڏير نہ ڪن.

(هيءَ ڳجهارت هيئن بہ ملي ٿي)

(6)
ڪپڙو ڏيرن من ۾، ڪپڙو ڏير نہ ڪن.
ڪپڙي جو ابتو، ٻيو سبتو.
پيچٽي ؛ ابتي ڏيرن من ۾ ، سبتي ڏير نہ ڪن.

(7)
ان جو ڪتو مون ڏٺو، ائين تہ ڪاني ڙي.
ان جو ڏريو. ڪتو جبلو. ڪانيءَ جو ورو.
جبل ڏريو مون ڏٺو، ائين تہ ورو ڙي.

(8)
قيمت ڏير سسيءَ جا سي قيمت لهندا ڪانہ
آئون بہ قيمت انهن جي، سي قيمت رهنديس ڪانہ.
- قيمت جي مايا. قيمت جي ڪوڏي. قيمت جي ٻڏي. قيمت جي دمڙي.
پيچٽي ؛ميا ڏير سسيءَ جا، سي دمڙي ٽڪندا ڪين. آئون بہ ڪوڏياٽي انهن جي سا ٻڏي رهنديس ڪين.

(9)
هٽ نہ ڏٺ جو سسي اسان پڪي پون. جر جون وڻ جون ڪري وجي مهند پڪي پون.

- ڏڻ جو نرو، پڪي هنج. جر جي موڪ. وڻ لاٽي. پڪي ڳيرو.
پڇڻي ؛ هت نہ رهہ اسان هنجون نہ پون. هتان موڪلاٽي ڪري وڃي اڳتي رهہ سسي.
(10)
نہ ڪاٺ پيو جيڏيون، مر مال جي آئون. اوزار ڳولهينديس ڪانہ ڪا ڏسو رب جون رضائون.
- ڪاٺ جو ڪپو، اوزار جو وارو. مال جي جهلي.
پڇڻي ؛ نہ ڪپو جيڏيون. پلين جهلي آئون. پيو ور ڳولهينديس ڪانہ ڪا ڏسو رب جون رضائون.
(11) جر فقير سسي هو ڪائئون ڏير آيا.
- جر جي ستي. فقير جو اوجاڳو. ڪاٺ جو ڪرڪو.
پڇڻي ؛ ستي جاڳ سسي هو ڪڙڪي ڏير آيا.
(12)
شهران ٿي اچين منهنجو ڪو ڏني. ان جي مال جيئن ، تيئن شل ڪو رات جو پوئي.
- شهر ڪيچ، نرنا هوت بلوچ. ان جي مٺ. رات جو قدر ( رمضان مهيني 21، 23، 25،27 29 راتين کي شب قدر چيو وڃي ٿو)
پڇڻي ؛ ڪيچان ٿي اچين منهنجو  هوت بلوچ ڏني. مٺي مون جيئن ٿئين شل ڪو قدر پوئي.
(13)
ائين (اوهين) جي ٻيڙين واريون ، رڃ نہ ڏيو منهنجي پرينءِ کي. هي شهر اسان جو تنهن ۾ اوهان جو چا.
- ٻيڙيءَ جي ڏار. رڃ جو بدنو. شهر دهلي.
- ائين جي ڏارياٽيو بد نہ ڏيو منهنجي پرينءِ کي. هيءَ دل جلي اسان جي تنهن ۾اوهان جو چا.
(14)
اکر لوهہ ڪاٺ هئا ذاتين جا عضوي ۾.
- اکر ”ر“ لوهہ جي سيرا. ڪاٺ جو سل. ذات جا جت. عضوي جو جيرو.
پڇڻي ؛ ري سيرا هئا سل جتن جا جيري ۾.
(15)
ڪاٺي آئون نہ هياس. نالو ڏيرڪري ويا.
- ڪاٺ جي ڦرٽي. نالو مست.
پڇڻي ؛ ڦرٽي آئون نہ هياس مونکي مست ڏير ڪري ويا.

(16)

ٻہ نالا اڳي ويا، وڻ جا ڪنهن کي ڏيان؟

- نالو هڪڙو نصيب ٻيو ڪرم. وڻ جا چوڏا.

نصيب ۽ ڪرم اڳي ويا چو ڏوھ ڏيرن کي ڏيان.

(17)

سسي ڪاٺ ايئن ڪڻ جيئن جر اکر جي ٽئي.

- ڪاٺ جو چرڪو. جر جي ستي. اکر جي سڌ.

پيچٽي ؛سسي چرکو ايئن چور جيئن سُتين سڌ ٽئي.

(18)

نرنا مان سان ڪيو هڏو آئون نہ رهنديس هڏي.

هو ويا مال جن سان شهر لڏي.

دعا ڪريو ڙي جيڏيون مانَ ڪپڙ جن سان گڏي.

- نرنان پنهون. هڏي جو سنڌو. مال جا مهيا. شهر ولات، ڪپڙ جو گگو.

پيچٽي ؛ پنهون مان سان ڪري ويو سنڌو آئون نہ رهنديس سنڌي.

دعا ڪريو ڙي جيڏيون مان گگيرين سان گڏي.

( هي ڳجهارت هيئن بہ آهي)

(19)

نار نالي جا ڪريان ، ويا مرد نالو چڏي. هوتن مان سان هڏو ڪيو.

مان ويندِيس هڏي. ڳھ منهنجو ولات ويو مٿان وکر لڏي.

دعا ڪريو ري جيڏيون نرنان ڪپڙ جن سان گڏي.

- نار حليمان. ٻي بيگنان. هڏي جو رنڌو. ٻيو سنڌو. ڳھ جو ورٿو. ولات حيرات. وکر جي ساٿر. دعا جا هٿ.ڪپڙ جو گگو. نرنا پنهون.

پيچٽي ؛ اديون ڙي هلي مان جا ڪريان. ڏير ويا مونکي بي گناھ چڏي.

ڏيرن مون سان سنڌو ڪيو مان نہ رهنديس سنڌي.

ور منهنجو ولات ويو ساٿ سيئي لڏي.

هان هٿ ڪٹو ري جيڏيون پنهون گگيرين مانَ گڏي.

(20)

ڪاٺ جي آئون نہ هياس. مونکي مال جي ڏير ڪري ويا.

- ڪاٺ جي ڪرسي. مال جي مستي.

پيچٽي ؛ ڪِرسي (بيمار) آئون نہ هياس مونکي مستي ڏير ڏئي ويا.

(21)

مرون ڪان مهند نارنا هئي ڪاٺ جن ۾.

- مرون سانپر. نارنا سسي. ڪاٺ جي صندوق.

پيچٽي ؛ منهنجي سانپر ڪان مهند ئي سسي هئي صندوقن ۾.

(22)

رڇن منجھ وڪر تہ منهنجو جيئڏ هو نرنان سان.

- رڇ جو شيشو. وڪر جو شراب. جيئڏ پيهڻ. نرنان ڇام پنهون.

پيچٽي ؛ شيشن منجھ شراب. منهنجو پيئڻ هو ڇام پنهل سان.

(23)

ارم ڪمي رشوت ٿيا، تڏهن عضوو وني هوت ويا.

- ارم جا هڏ. ڪميءَ جا جهيٽا. عضوو هنيون.

پيچٽي ؛ هڏ جهري جهيٽا ٿيا تڏهن مونڪا ن هنيون وني هوت ويا.

(24)

سٽ هڪل ڪي سسي شهر تڪي آئون. ٺلهو نڪر تي پانيان ڏسو رب جون رضائون. انهن ڪان آئون ڪ نالن ڪان نرنان آئون.

- سٽ جو پٽ. هڪل جو ڪڙڪو. نڪر جي سُسي. شهر سورت. نرنان ڇام پنهون. نرنان لٽو.

پيچٽي ؛ هو پيٽا تہ ڪڙڪي صورت تڪي آئون. اسان ايئن سوسيون لڏيون ڇام پنهون سين.

(25)

هو زمين جي ڇڏي ويا آئون ٻوليءَ جي ڪنهن سان ڪريان.

- زمين جي حد. ٻوليءَ جي منٿ.

پيچٽي ؛ هو حد ڇڏي ويا آئون منٿ ڪنهن ڪي ڪريان؟

(26)

شهرئون شهر تي ڪ هو گهيا گاهہ ذات ڪري ويا.

- شهر آرام. گاهه رنجڪو. ذات جا راڻا.
پيچٽي : اديون آرام گهٽي هئا پر هو راڻا رنج ڪري ويا.

(27)

ان جا پنهون آئون راند جي آهيان.
- ان جي چوندي. راند جي اکتي.
پيچٽي : منهنجا چونديل پنهون آئون اکندي آهيان.

(28)

جبل جهل ڪريو ته مان مال جي ٿيان.
- جبل جي روئي. مال جي رواني.
پيچٽي : اوهين روئڻ بند ڪريو ته مان رواني ٿيان.

(29)

سسيءَ کي سرتيون چوڻ لڳيون :
ندي تو نار ٽئين تڏهن توکان هوت ويا؟
سسي : چوي ٿي نه ادي نه.
سرتيون : گهوڙي ڪپهه جي تو نه ڪئي تڏهن توکان هوت ويا؟
سسي: چوي ٿي نه ادي نه.
سرتيون: هندو درياه جي تو نه ڪئي تڏهن توکان هوت ويا.
سسي: نه ادي نه.ذاتين جڏهن پنهنجي چڏي تڏهن مونکان هوت ويا.
- ندي :ڳاڙهي . نار پوري. گهوڙي جي ڳلي. ڪپهه جي مَلي. هندو جورام. درياه جو آرام.
ذات جا ٻروچ. پنهنجي لڄ. ڪاٺ جو گوندر.
پيچٽي : ڳاڙهي ۽ پوري تون ٽئين تڏهن توکان هوت ويا؟
چوي " ٿي نه ادي نه"
هلي ملي تو وٺ هوت آيا تڏهن توکان هوت ويا؟
چوي ٿي "نه ادي نه."
رام چڏي آرام ڪئي تڏهن توکان هوت ويا؟
چوي ٿي" نه ادي نه، ٻروچن جڏهن پنهنجي لڄ چڏي تڏهن ڏئي گوندر ويا،
ڏيئي گوندر ويا.

(30)

چم مرض ڙي جيڏيون مان ڪاٺيءَ جيئن وڄان.
انهي عورت ڪان مان ڪپر جيئن وڄان.
- چم جي ورت. ڪاٺيءَ جي هيٺين. عورت جيئندي.
پيچٽي ؛ ائين جي ورت واريون جيڏيون آئون هيٺ ئي هيٺ وڄان. انهي جيئڻ ڪان تہ مان
ٻڏي وڃي مران.

(31)

نالا هن مال جيءَ کي جبل ڪجو. نالو لاهي ڳهه سين پنهنجا ڪٽي ذاتين ۾ چڏجو.
- نالو هادي. نالو پروردگار. مال جي هيٽي. جبل جي لڪي.ڳهه جي پهچي.ذات جا آريچا.
پيچٽي ؛ هادي هن هيٽيءَ کي لڪيون سپ لنگهائج.
پروردگار اتي پهچائج جت اڳڻ آريچن جا.

(32)

سسي کي جهنگ ۾ ٻڪرار ملي تو تہ چوي تي " آئون جر جي آهيان، تون وڻ تي.
- جر جي وس. وٽجو پريو.
پيچٽي ؛ آئون بيوس آهيان. تون پري تي.

(33)

گهر مال جي تو نہ ڪئي تڏهن توکان هوت ويا.
- گهر جي گهٽي. مال جي ڍڪ.
پيچٽي ؛ گهٽي تو نہ ڍڪي تڏهن توکان هوت ويا.

(34)

ان ڪارڻ پاٽيءَ جيئن سسئي.
- ان جو سنگ. پاٽيءَ جي ڪر.
پيچٽي ؛ سنگت ڪارڻ ڪر ڪنيو روئي سسي.

(35)

ذاتيون ڙي ذاتيون، مان کي پنڌ جي.
ذات جا ڪنوَ. ذات جا ڪيچي. پنڌ جي ڏس.
پيچٽي ؛ ڪنون ۽ ڪيچين مان سان ڪانہ ڪئي ڏس.

(36)

جيئن ڪک کهي تيئن مٽيءَ جي سسئي.

- ڪڪ جي ڪل. مٽيءَ جو لوڙهه.

پيچٽي : جيئن قلم وهي تيئن لوڙهه سسي.

(37)

اديون ذاتين جو جڏهن هتان وڻ ٿيو.

آئون پوڪ پنان تي پنهنجي ائين ذاتيون شال جيئو.

ڪو اهڙو ڪونہ ٿيو ڪري ڳهه نرنان ڪي.

- ذات جا آريچان وڻ لاٿو، پوڪ جو چانور. ذات جا جت. ڳهه جي نٿ.

پيچٽي : اديون ڙي آريچن جو جڏهن هتان لاڏاٿو ٿيو.

آئون ور پنان تي پنهنجو جتا شال جيئو.

ڪو اهڙو ڪونہ ٿيو ڪري منٿ چام پنهوء ڪي.

- هيءَ ڳجهارت هيئن بہ آهي.

(38)

نرنان شهرئون وڻ ڪيو. اها سڌ اوهان کي پيئي. جنهن مون سان وڻ ڪيو . پوڪ پچان تي پنهنجي سٽ جا چو ڏيو. عورت اوهان جي نالي مٿان نرنان جي ڪپڙ ۾ اهڙو ڪونہ ٿيو ڪري ڳهه نرنان ڪي.

- نرنان چام پنهون. شهر هالار. وڻ لاٿو، وڻ هيرڻ. پوڪ جو چانور. سٽ جو ڏورو. نارنان گولي. نالو جت. نرنان جيئو.

پيچٽي : آريءَ چام جو هالاٿو ٿيو. اها سڌ اوهان کي پيئي. جنهن مون سان هي رڻ ڪيو. ور پچان تي پنهنجو مونکي ڏوراپا چو ڏيو. آئوم گولي اوهان جي جتا شال جيئو. ور وٺي وسنديءَ مان جڏهن چوري ويا. تڏهن اهڙو ڪونہ ٿيو جو ڪري منٿ محبوب ڪي.

(39)

مٽيءَ جي اڳ هياس رچ جو تي مون مٿان وڻ جا لاهي.

- مٽيءَ جي هاري. رچ جو گڏون.وڻ جو گوندر.

پيچٽي : هاري اڳي هياس. هاٽي هيڪر گڏ تي مون تان گوندر لاهي.

(40)

ڪاني ڏيرن من ۾ ڪاني تان نہ ڪن. ڪاني وٺيو ڙي جيڏيون ڪانئون ڏير وڄن.

- ڪاني جي ڪاوڙ، ڪانيءَ جي ڪول. ڪانيءَ جو رنڌو. ڪاٺ جو ڪايو.

پيچٽي ؛ ڪاوڙ ڏيرن من ۾ قول تان نہ ڪن. رنڊ وٺيو ڙي جيڏيون ڪائئون ڏير وجن.

(41)

نالي ماريو هرڪو مري، مونڪي ماريو پنهنجن. ڪپڙي ۾ تي عرض ڪريان مانَ ڏاتيون ٻولي ڪن.

- نالو موت. پنهنجا سڄڻ، ڪپڙ جو اوندر. ذات جا پريت.

پيچٽي ؛ موت ماريو هرڪو مري مونڪي ماريو سڄڻن. اندر مان تي آهہ ڪريان پرين پنهنجو ڪن.

(42)

ٻہ وٽي حاڪر جو ڙي ناهي نرنان ڪپڙي تڏهن مال جاڙي.

- وڻ ٻيلانڪو. حاڪر جو قهر. نرنان پنهون. ڪپڙ جي ڪڇَ. مال جا گهوڙا.

پيچٽي ؛ ٻيلاٽي قهر ڙي ناهي پنهون ڪڇ پر تڏهن گهوڙا ڙي.

(43)

مرون وس هجن تہ وجهان شهر اٿن.

- مرون واڳو، شهر ونگ. (ڪڇ جو هڪڙو ڳوٺ)

پيچٽي ؛واڳون مون وس هجن تہ وجهان ونگ اٿن ڪي.

(44)

نالي ماريس تنهنجي ول مٿي سورن. ڪپڙي ۾ تي عرض ڪري تہ نالو نہ ذاتين.

- نالي جو حسن. ول ڪانهل. ڪپڙ جي ڪور. نالو لائق ڏنو.ذات جا ٻاروچا.

پيچٽي ؛ حسن ماريس تنهنجي ڪانهيل ڪئي سورن. ڪو روئي تي عرض ڪري تہ هيءَ لائق نہ ٻاروچن.

(45)

ڪپڙو منهنجو ڪانڏ پر نرنان پکي ڙي.

ڪپڙ جو چوء سو(چار سو تنڊين وارو ڪٽو). نرنان پنهون. پکي وهيو.

پيچٽي ؛ اديون ائين چئو سو منهنجو ڪانڊ.

(46)

ڪاٺ جن مٿي مال جا اديون نالا ڙي.

ڪاٺ جا ليٽڻ . مال جا ليڏوڙا. نالو تاجو.

پيچٽي ؛ ليٽڻ مٿي ليڏوڙا اديون هي تاجا ( تازا) ڙي.

(47)

ڪانيءَ جرجا ڏسو ڙي متان ذات ڙي.
ـ ڪاني جي اٺوڙي. جرجا پيرا. ذات جا واڊا.
پيڇٽي :اٺو پيرا ڏسو ڙي متان واء ڍڪي ڙي.

(48)

رڇ وڪر پنهنجو چام پنهوء جو .
- رڇ جو سونگهو.وڪر جي سرهاڻ. پنهنجو پگهر.
پيڇٽي : سونگهيان تيئن سرهو پگهر چام پنهوء جو

(49)

مڙيئي سرتيون سسيءَ ڪي پاراتي جاڏين. راڳ روپ پڪين جا آيا ويا ٽين. خير گهر ڪڙم جو تون هار ڳالهه م هيئن. تون مڃي جر جي نار نالي، ڳهه ذات تي شهر نہ لاهين.
ـ پاراتي جي مرو ٻي ماٺ. پڪيءَ جا پر. راڳ ديسي مڃي ڪٽي. جر جي چٽي. نارنا ڪنواري، شهر دهلي. ڳهه جو ورٽو.
پيڇٽي : مرو پوري ماٺ ڪر ڳوڙها هڏ م ڳار. هي پڪي اڳي ئي آيا ويا ٽين. خير گهر خير گهر ڪڙم جو تون هار ڳالهه م هيئن. تون ڪٽي چٽي ور ڪنوارين تان هيئن دليون نہ لاهين.

(50)

آيا ڏير ڏڪيءَ جا رکي ڪپڙو من. راڳ تنهن نرنان جو ڪونہ ڪيئون ڪن. هائي ڙي حاڪمن ويو ٻاروچو راند سين.
ـ ڪپڙ جي ڪوٽي. راڳ جي زاري. نرنان ضعيف. راند جي آڳ.
پيڇٽي : آيا ڏير ڏڪيءَ جا رکي ڪوٽي من. هائي هائي زاريون تن ضعيفن جون ڪونہ ڪيائون ڪن. هائي ري حاڪمن ويو ٻاروچو آگهت ڪري.

(51)

پڪي هليا پڪي چئو م تن. ولات ويا ڙي جيڏيون جيئڏ ماڻيو تن.
- پڪي سناسري. پڪي چمڙو. ولات اورنگ. جيئڏ مزو( مزو جتڪيءَ ٻوليءَ ۾ هڪ جيت ڪي چون) جو نالو آهي.
پيڇٽي : هو سناسري هليا چئو م مٺا تن. او رنگ ويا ڙي جيڏيون مزه ماڻيا جن.

(52)

ڪانيءَ جا ڪاري رات مال جا ڏٺا سسيءَ.

ـ ڪانيءَ جا پلنگ. رات پوئين. مال جا سجا.

پيڄٽي : پلنگ پوئين رات سجا ڏٺا ڙي سسيءَ.

(53)

شهر ۾ وچ انهن سان اهي مال جا ڏيندا. ذات گهٽي پلي آهي پر نرنان ڪونه ڏيندا.

ـ شهر ٻيلهو. مال جا وڇوڙا. ذات جا جت. نارنان عزت.

پيڄٽي : تون ٻيلهه ۾ وچ انهن سان اهي ورهن جا وڇوڙا ڏيندا

جت گهٽي ٻلا پر عزت ڪونه ڏيندا.

(54)

هو اجهو نه ٿيا تنهنجو تون اجهو ۾ ٿي تن جو.

هو اجهي ۾ اجهو ٿيا. تون ڪيئن اجهو ٿئين تنهن جو.

ـ اجهي جي ڪوٺي. اجهي ڏٺي. اجهي جو ڇپر. اجهي جي پٺ.

پيڄٽي : هنين ڪوٺي نه توکي تون ڪيئن ڏسندينءَ تنهن کي.

هو وهي ڇپرين ويا تون ڪيئن پٺ تي وينديءَ تنهن کي.

(55)

پنڌ ۾ زمين جي آئون نه هياس. ڏيرن مونکي ڪاٽي ڪئي.

ـ پنڌ جي ٽڪي. زمين جي ڦٽي. ڪانيءَ جي ڏوئي.

پيڄٽي : ٽڪي ڦٽي آئون نه هياس ، ڏيرن مونکي ڏوهي ڪئي.

(56)

ٻوليون ٻه ٻه ٻوليون ٻولي ڪر سسي. ٻولي هوندي ته ٻولي نرنان کي.

ـ ٻوليءَ جي هڪڙي وسري، ٻي گذري، ٻوليءَ جي ڪئي. ٻوليءَ جي رهي. ٻوليءَ جي ٻاجهاري. نرنان ٻاجهارو.

پيڄٽي : وسري ۾ گذري ياد ڪر سسي. ڪئي ياد رهي شل.

ٻاجهه پوي شل ٻاروچي کي.

(57)

وکر جا ڏيئي ذات جا ڏيئي، ويا ذات جا نکري.

ـ وکر جو ڳڻ. ڏات جا سور. ذات جا ٻاروچا.

پيچٽي ؛ ڳڻ ڪري سور ڏيئي ، ويا ٻاروچا نڪري.

(58)

هن مٽيءَ جي نہ آئون. تنهنجي لوھ جا وڏا آهن.

مٽيءَ جي سِرِ لوھ جا سانگ .

پيچٽي ؛ تنهنجي سرنام ڏاڍا سانگ وڏا آهن.

(59)

جر جي لڳي ڙي جيڏيون مونکي گهر جي ڪا مَ چئي.

- جر جي لهر. گهر جي چري.

پيچٽي ؛ لئون لڳي آهي مونکي چري ڪا مَ چئي.

(60)

چر ڳهي ڪيئن رهان مونکي نالي سمجهي نرنان.

چر جي دبي. ڳھ جي ٽڪ.نالو پريو. نرنان سپرين.

پيچٽي ؛دبي ڪيئن ٽڪان. بر ۾ سجھن تا سپرين.

(61)

هي وڻ ڪي مَ نرنان. ڳھ ۾ ڳولھ.

وڻ هيرڻ، ڳھ جو دُر. نرنان پنهون.

پيچٽي ؛هي رڻ ڪي مَ نهار، ڏرائين ڳولھ سسي.

( هيءَ ڳجهارت هيئن بہ ملي آهي.)

(62)

هي وڻ هت ڇڏ ڳھ منجھ ڳولھ سسي.

پيچٽي ؛ هي رڻ هت ڇڏ ڏرائين ڳولھ سسي.

(63)

ڳاھ ڪريو ڙي جيڏيون جبل منهنجي من ۾.

- ڳاھ جو ڏرپ (ٻپ)جبل جي سور (ڳڻا)

پيچٽي ؛ ڏرپ ڪريو ڙي جيڏيون سور منهنجي من ۾.

(64)

اديون نالي واريون منهنجي عضوي ڪي ڪاٽ ڪا مَ چئي.

- نالي جو هيرو. عضوي جو ڪنڊ. ڪاٺ جو ورو.
اديون هيرن واريون پنهنجي ڪانڊ ڪي ور ڪا مَ چئي.

(65)

وٺئون ويا سي شهرئون مانَ اچن.
- وڻ ترسي. شهر مدل.
ترسي ويا سي منڊئون مانَ اچن.

(66)

نالو نالي هيٺ تون ڪيئن ڪکن سسي.
- نالو ڪارو. نالو ڏونگر. ڪک جي ڏري.
ڪاري ڏونگر هيٺ تون ڪيئن ڏري سسئي.

(67)

عضوي متي ڪاچ جون پرن. نرنان ڏيو پيا مال جون وجن.
- عضوو سِر. نرنان ڏير. ڪاچ جون سيکون. مال جون پٽيون.
- پيجٽي ؛ سر متي سيکون پچن ڏير ڏيو پيا پٽيو وجن.

(68)

شهرئون نڪرئي (نڪتي) نارنا سو پنهنجي ۾ پيئي. وات ۾ گڏيس واٽيون سو وٽيو پي ويئي.
- شهر رڙهي، نارنان سسي. واٽيون مورند.
- پيجٽي ؛ رڙهي نڪرئي (نڪتي) سسئي، سا سورن ۾ پيئي. اڳيان ڏنئين ڪو رنڊ سو وٽيو پي ويئي.

(69)

نالا مئيءَ متان وهٽن وارا.
- نالو مکڻ. وهٽ جا ٽڙا. پنهنجا هٽ.
- پيجٽي ؛ مَ ڪڻ مئيءَ متان هوت پنهجا هٽڙا.

(70)

رچ مَ ڪڻ منهنجا پرين آئوم ڪيئن مچي ٽيان.
ڪو ڏسان نرنان جنهن ڪي هٽ جا ڏيان.
- رچ جو تن. مچي چڙي. نرنان محرم. هٽ جا ڏورا.

- پيچٽي ؛ تن مَ ڪڻ منهنجا پرين آئون چري تي آهيان. ڪو نہ ڏسان محرم جنهن ڪي ڏوراپا ڏيان.

(71)

ٻولي ڪر مَ تن سان، جي پونء جي ڪري ويا.

- ٻوليءَ جي منٿ. پونء جي حد.

- پيچٽي ؛ منٿ ڪر مَ تن ڪي جي حد ڪري ويا.

(72)

هٽي ڪاٺ مال ۾ پوءِ تي مرون ماريائون. آئون هڏ نارنان تڏهن ذات نيائون.

- ڪاٺ جي لاٺي ( اٺ جي نڪ ۾ ڏوري سان ٻڌل ڪاٺي) مال جا اٺ. مرون واڳو. نارنان پوري. ذات جا پان.

- پيچٽي ؛ هٽي لاٺيون اٺن ۾ پوءِ تي واڳون واريائون. آئون هڏ پوري ، تڏهن منهنجو پان (سڏيڻ) نيائون.

(73)

پنهون پاڻ ڪاٺي هو، ذاتين نيو.

- ڪاٺيءَ جي تاڪي. ذات جا بازيگر.

- پيچٽي ؛ پنهون پاڻ اوطاقي هو پر بازيگرن نيو.

(74)

ڪاٺي هلي ڪاٺي چلي، ڪاٺي ڪڍي پار.

ڪاٺي هلندي ڪيچ ڏي ڪاٺي ڪٽيندي ٻار.

- ڪاٺيءَ جي ڪام (هتي سيني پاون ۾ ڪام آهي)

- پيچٽي ؛ڪا مَ هلي، ڪا مَ چلي ڪا مَ ڪڍي پار.

ڪا مَ هلندي ڪيچ ڏي ڪا مَ ڪٽي ٻار.

(75)

جيئڏ ذاتين ساڻ مان سان لوهه جو هوت ڪري ويا.

- جيئڏ مڪڙ. ذات جا ڪيچي. لوهه جو آهڙو.

- پيچٽي ؛ مَ ڪڙهه ڪيچين ساڻ آهون هوت پلي ويا.

(76)

ڳهه منجهه ڳوليندياس هو وڻ هوت پنهون جا.

- ڳھ الولڪ. وڻ لاٽو.
- پيچٽي ؛ الو لڪ ڳوليندياس پر ھولاٽا پنھون جا.

(77)

ذات ڪائي اٿ آھن لوھ جا. ڏيھ ۾ ان جو نالو. مال ٻولي عضوي نارنان جي ڪائي ٿياس زمين ۾.

- ذات جا جت. ڪائيءَ جي باھ. ان جي رتڙ. لوھ جا ڏاريا. اٿ جو پلاٽيو. نالو پربت. مال جي ستي. ٻوليءَ جي ھليا. عضوي جي اک. نارنا جي عادت. ڪائيءَ جي چولي. زمين جو چپر.
- پيچٽي ؛ جت نہ ياڻيم رت، آھن ڏاريا ڏارئي ڏيھ جا. آئون ستي ھو ھليا پلاٽي پربت. اکين جي عادت چلائيس چپرين.

(78)

ٻہ وٽي ائين ھلي شھر ڏسو ڙي. نرنان ملڪ ۾ ناھي. ھو ٽا ڪن زمين جي . ڏٽار ڪري ويا ڏڻ جي. ھو ٽا ڪن مال جا ڙي.

- ٻہ وڻ ھڪڙو لئي ٻيو لاٽو. شھر بغداد. نرنان پنھون. ملڪ پلنگ. زمين جا ڪامان. مال جا اٿ گھوڙا.
- پيچٽي ؛ ٻيليا ڙي ائين ھلي بغداد ڏسو ڙي. پنھون پلنگ تي ناھي. اوٺاري ڏاڙو ھٽي ويا. آئون پئي ڪامان تن لاءِ . پنيان پيئي ڪريان ھاءِ گھوڙا مون وٺان پنھون ھٽي ويا.

(79)

اديون آئون عورت تہ ٻہ آھيان چار پنھل جي.
جي تر مال جي تہ ٻہ آھيان چار پنھل جي.
فقير ڪن ست جي تہ ٻہ آھيان چار پنھل جي.
ھندو ڪن پوک جي تہ ٻہ آھيان چار پنھل جي.
آھيان ڪا ليکي جي تہ ٻہ آھيان چار پنھل جي.

- عورت نماٽي، تڙ جو وارو. مال جو ونگ. ست جو تنگ. پوک جو سنگ. ليکي جو انگ .

پيچٽي ؛ اديون آئون نماٽي تہ ٻہ اھيان چار پنھل جي.
واري ڏيندا ونگ تہ ٻہ آھيان چار پنھل جي.
توٽي ڏيندا تنگ تہ ٻہ آھيان چار پنھل جي.
ھندو ساريندا سنگ تہ ٻہ آھيان چار پنھل جي.
اصل ۾ لکيو آھي انگ تہ ٻہ آھيان چار پنھل جي.

(80)

مال آئون مڙد جي شهرئون ڏير ويا.
ان جيئن او نہ ٿيا ڪپڙ جو ڙي جيڏيون.
ـ مال جا سور. مڙد تاجو. شهر ڏيهہ. ان جي رئي. ڪپڙ جي وٽ.
. پيچٽي ؛ سور تازا سرتيون مونکي ڏيئي ڏير ويا.
رهي ڪونہ ويا ڙي مون وٽ جيڏيون.

(81)

اديون ڙي مون نالو چڏيو ٻي ڪا نالو چڏيندي. نرنامن سين نالو ڳنديندي.
ـ نالو حالو. ٻيو مالو. ٽيون آگهو. چوٿون احسان . پنجون ڏونگر
. پيچٽي ؛ اديون ڙي مون حال چڏيو ٻي ڪا مال چڏيندي.
آگي جي احسان سين ٻي ڪا ڏونگر ڏوريندي.

(82)

پکي سيٽڻ جا سي پکي مون نہ ٻڌا.
پکي ڏير چڙهي ويا پکي مون نہ ٻڌا.
شهر منجهان پکي نام سنڌو
پکي هل نرنان ڏانهن پکي چا ڪندو؟
ـ پکي سرڻ. پکي سانباهو. پکي ٻوڙي. پکي هاڙي. پکي چڙي. پکي وهيو. شهر يميور.
پکي پاريلو. پکي چاپاکو. نرنان پنهون.
. پيچٽي ؛ سانباهيون سيٽڻ جون ٻوڙي تو نہ ٻڌيون
چڙي ڏير چڙهي ويا سي هائي ڙي تو نہ اتو
هيڏي شهر يميور مان ويو سات سنڌو.
پاري هل پنهون ڏانهن چاپاکو چا ڪندو.

(83)

نرنان چڙهي مرون واريائين پر ايئن نہ چيائين تون پکيءَ جي سسئي.
ـ نرنان سوار. مرون واڳو. پکي ٻرڙي.
. پيچٽي ؛ هن سوار ٿي واڳون ٿي واريائين. پر ائين نہ چيائين تون ٻر ڙي سسئي.

(84)

نہ ڪو ڪادم ڪاٺ نڪو ڪادم ڪائي. ڪائيءَ ڪارڻ ڏير ڪائي ڪري ويا.

- ڪاٺ جو ٽويو. ڪاٺ جي پاٽي. ڪاٺ جو چوٽالو (چوٽائي) ڪاٺ جي ڦٽي.
- پيچٽي ؛ نہ ڪو ڪادم ٽويو نہ ڪو ڪادم پاٽي
چوٽالي جي ڪارڻ ڌير ڦٽي ڪري ويا.
(ٽويو، پاٽي، چوٽالو جھوني زماني جا ان ماپڻ جا ماپا آهن.

(85)

زمينون نڪتا اٺ سي مال جا پيا وچن. رسي پٽر جا وجهان تن اٺن.
- زمين جو ڳجھہ. مال جا موڳا. پٽر جا چڪ.
- پيچٽي ؛ڳجھا اٺ نڪتا سي موڳا پيا وجن. رسي مان چڪ وجهان انهن اٺن.

(86)

ڪاٺئون ڪالهہ ويا ذاتئون مانَ اچ اچن.
- ڪاٺ جو ڦوڙيو. ذات جا اوڏ.
- پيچٽي ؛ ڦٽي ڪالهہ ويا اوڏا مانَ اچ اچن.

(87)

ڪتو پاراتو ڳاھ جيئن هوت ويا.
- ڪتو جاندر. ڳاھ جو هٿو.
- پيچٽي ؛ جا در اپٽيان تہ هٿوڪا هوت ويا.

(88)

نرنان انهي علم ۾ آئون ذات ٽيندياس.
- نرنان ساجن، علم جي سوره. ذات جا مري.
- پيچٽي ؛ ساجن انهي سور ۾ مري آئون ويندياس.

(89)

ان جي جي تان نہ ٿيا، عورت ڪانہ ٿيان. منهنجا ڙي ميان مٽيءَ جي ڪانہ ٿيان.
- ان جي ٻڪي. عورت جيان. مٽيءَ جي پواري ( مٽيءَ مان ٺهيل پاٽ جهڙو ٿانو)
- پيچٽي ؛ جاسين ٻڪي نہ ڪيان تاسين نہ جيان. منهنجا ڙي پرين پوءِ واري نہ ڪيان.

(90)

ٻن نالن نالن ڪان پوئي وينديس ڪاٺ پنهل ڏي.

نالو پينو. نالو مڱيو. ڪاٺ جو در.
- پيچٽي ؛ پني ۽ مڱي آئون ويندس در پنهل جي.

(91)

هو پيا وڻ ڏسجن شهر جا ڙي جيڏيون.
- وڻ درخت . شهر هاڙو.
پيچٽي ؛ هو پيا وڻ ڏسجن هاڙي جا ڙي جيڏيون.

(92)

مڇي هان ڪر، هو ذات ويا ڙي.
- مڇي جي ٽمبي، ذات پريا،
پيچٽي ؛ اٽنبي هان ڪر بس، هو پري ويا ڙي.

(93)

زمين ٻولي گهوري جي آئون نہ هياس تڏهن مون ڪان هوت ويا،
چئي نہ ادي نہ،
نارنان شهر ۾ رهي تڏهن مون ڪان هوت ويا،
نہ ادي نہ،
اپ ٻولي مال پڪيءَ جي ٿيا تڏهن مون ڪان هوت ويا،
نہ ادي نہ،
من نرنا شهر اچي.
- زمين جو ٽڙ، ٻوليءَ جي تڪڙ، گهوڙي جي پيڙ، نارنان سسئي، شهر جي سڄ، ذات جا برهمڻ، نالي جو بلوچ، نرنان پنهون، مال جا ٻڪر، پڪي ڪڪڙ، اپ جي پسي، چر ٿاڪ،
پيچٽي؛
ٽڙ تڪڙ پيڙ ۾ سسئي ٿي سڄ ۾ رهي،
جڏهن برهمڻ بلوچ ڪي پڌ نہ رات پيئي،
چري چنبيا هو هليا وندر وات وهي،
ٻڪر تازا هو پير پسيا پرهہ ڪڪڙ لات هنئي،
پنهون پرڏيهي تان آيو انين ٿاڪ ٿرن تي ٿيبو چئي.

(94)

ٻولي ٻولي ڪري هليا جر فقير جو نہ ڪيائون،

عضوي وڻ گاهہ ڪپڙ ڪيائون،
وڻ نالو ڪانئي نہ آهيان.
- ٻولي جي جي، جر جي ٻوڏ، فقير جو ٻول، عضوو هنيون، وڻ ڏنجڻ، ول تني، ڪانئي سرگيل، نالو ساجن،
پيچٽي ؛ جي جي ڪري هليا مونکي ٻول نہ ٻوليائون،
هنيون ڏنجڻ پاڻ ۾ چڪي چنيائون. تنيان پوئي آئون ساجن سگهي نہ آهيان،
(94)
وڪر اڳ هياس پر وڪر سپ ويا، تنهان پوئي سئا تہ منهنجا ولات ويا ڙي.
- وڪر هرتال، وڪر چتال، ولات ڍونگار.
پيچٽي: هڙ تال اڳ هياس پوئي منهنجا چتا گم ٿيا، تنهان پوئي سئا تہ منهنجا ڍونگار وياڙي جيڏيون.

## سر مارئي

(1)

اي ميان راند جا راند جي آئون نہ ٿيندياس. تو جيئن راند جا ڪن آئون راند جي ٿي مران، تو راند جي ڏني آئون ڪنهن راند جي نہ آهيان. آئون ساڳي راند جي آهيان، تون پلي راند جيون ڏي، راند جي آئون نہ ٿيندياس. تون وجي ڪا راند جي ڳول، تون وجي ڪا راند جي ڳول.

– راند جو بادشاہ، راند جي راڻي، راند جو گولو، راند جي ڌھڙي، راند جي نولي، راند جي اٺي، راند جي ستي، راند جي ڇڪي، راند جي پنجي، راندجي چوڪي، راند جي ٽرڪي، راند جي ٻڪي،

پيچٽي ؛ مارئي چوي ٿي عمر کي ؛ اي ميان بادشاہ راڻي آئون نہ ٿيندياس، تو جيئن گولا ڪن آئون ڌھڪي مران، تو نولي ڏني آئوم ڪا اٺي ناهيان. آئون ساڳي ستي آهيان . تون پلي ڇڪيون ڏي آئون تنهنجي پنهنجي نہ ٿيندياس. تون پلي چوڪيون ڏي آئون ٽڪي نہ رهندياس. تون وجي ٻي ڪاڳول ،تون وجي ٻي ڪا ڳول.

(2)

نالن ۾ نرنامن مان آئيس ڪالهہ ميان. تن نالن ۾ نرنامن لائي جيءُ سڪي ٿو جال ميان. هئيس گهٽي ڳهو ميان پر تو ڪٽي ڪپڙ جي ڪئي ميان.

-- نالو پيرو ٻيو پڪو، نالو منو ٻيو ميوو، ڳھ جي لال، ڪپڙ جي ڪاري.

پيچٽي ؛ پڪن ۾ پيرن مان آئيس ڪالهہ ميان. تن پڪن منن ميون لائي جيءُ سڪي ٿو جال ميان. هئيس گهٽي لعل ميان پر تو ڪٽي ڪاري ڪئي ري ميان عمر سومرا

(3)

نالن ۾ نرنامن مان آئون آئيس ڪالهہ ميان، تن نالن ۾ نرنامن لائي جيءُ سڪي ٿو جال ميان، هئيس گهٽي ڳهہ ميان پر تو ڪٽي ڪاري ڪئي ميان عمر سومرا.

_ نالو هڪڙو پيرو، ٻيو پڪو، نالو هڪڙو منو ٻيو ميوو، ڳھ جي لعل، ڪپري جي ڪاري.

پيڇٽي ؛ پيرن ۾ پڪن مان آئون آئيس ڪالهه ميان، تن مٿن ميون لائي جيءُ سڪي ٿو جال ميان، هئيس گهٽي لعل ميان پر تو ڪاري ڪئي ڙي ميان عمر سومرا

(4)

وڻ وجني ميان عمر سومرا، ڪاٺ نه ٻچني ڪو.
_ وڻ ڄمون، ڪاٺ سانگهو.
پيڇٽي ؛ ڄم وجني ميان عمر سومرا شال سانگي نه ٻچني ڪو.

(5)

وڪر وجني ميان عمر سومرا، ڪاٺ م رهي ڪو، آني اسان کي مال جن ۾ وڏي تو.
ـ وڪر جو صابڻ، ڪاٺ جا ڏڪ. مال جا چوڙا.
پيڇٽي ؛ پڻ وجني ميان عمر سومرا، تنهنجو ڏڪ نه رهي ڪو. آني اسان کي هنن وچورن ۾ وڏي تو.

(6)

لوهه جو وجني ميان عمر سومرا، ڪاٺ جو نه رهي ڪو. آٽي اسان کي ڌڻ جن ۾ وڏي تو.
_ لوهه جو ويڙهو، ڪاٺ جو ڦانگو، ڌڻ جي گراهي.
پيڇٽي ؛ ويڙهو وجني ميان عمر سومرا. شل پانگو نه ٻچني ڪو. آٽي اسان کي ڳراهين ۾ وڏي تو.

(7)

لوهه جون پوني ميان سومرا. تو وڻ جون ڪيئن نيون.
ـ لوهه جي سيراهي. وڻ ڪنوار.
پيڇٽي ؛ سيراهون پوني ميان سومرا. تو ڪنواريون ڪيئن نيون.

(8)

وڻ جون وجني ميان سومرا. مون تان گهوڙي جون لاهي.
ـ وڻ جي پاڙ، گهوري جي انڌاري.

پيچٽي ؛ پاڙون وجني ميان سومرا. مون تان انداريون لاهي.

(9)

اپ جا پونئي سومرا شل مال جا وجنئي.

ـ اپ جا آگر، مال جا دور.

پيچٽي ؛او غم پونئي ، شال هي دور وجنئي.

(10)

وکر وجني ميان سومرا . تڙئون تان ڪجن. تو ڏنون مال جو سو ڪپڙ تان نہ لهي.

ـ وکرجو صابڻ، تڙ جو نهو، مال جو داڳ، ڪپڙ جو ڌوتو.

پيچٽي ؛ سو پڻ وجني ميان سومرا. جيئن ٺهي تيئن ڪجي. تو ڏنون دل تي داڳ سي ڌوتي نہ لهي، ڌوتي نہ لهي.

(11)

شهر جي چئو مونکي تہ نالو چوان توکي. مال جو وٿ ذاتين ڪان نالو اهي توکي.

ـ شهر جي پيٽي، نالو ادا، ذات جا سومرا، مال جو سنگ. نالو لائق.

پيچٽي ؛ پيڻ چئو مونکي تہ ادا چوان تو. سگ وٿ سومرن ڪان جيڪو لائق آهي تو.

(12)

ڪڪئون آندي ڙي سومرا، تنهن ڪي تڙئون موڪل ڏي.

ـ ڪک جو پوهارو. تڙ جو وارو.

پيچٽي ؛ پوهاري آندي ميان سومرا، تنهن ڪي واري موڪل ڏي.

(13)

جيئڏ ۾ جي عضوا ٿيا، آئون ذات نہ ويندِيس ڙي.

ـ جيئڏ ڪرڙي. عضوي جا ڏورا، ذات جا چانديا.

پيچٽي ؛ ڪرڙن ۾ ڏونرا ٿيا، آئون چونڊڻ ويندياس ڙي.

(14)

جيئڏ عضوا ڪيا هنيون مرض ساري، وڻ تہ اباٽي پار جا آئون ويٽيس وساري.

- جيئڌ ڪرڙي. عضوو ڏورا. مرض جي توتر، وڻ جو ڦر.
پيچٽي ؛ ڪرڙين ڏونرا ڪيا. هنيون ٿر ساري. ڦر اباٽي پار جا آئون ويئيس وساري.

(15)

ڪائئين چڏيو سومرا، سي ڪکين هونديون ڪيئن؟ آهي رات و ڏينهن نرنان سندي من ۾.
- ڪاٺ جي گهاٽي. ڪک جي ڏائي ( نوڙيءَ جو وٽ) نرنان موڻ.
پيچٽي ؛ ماروي ٻڪرين کي ياد ڪري چوي ٿي؛
گهاٽي چڏيون سومرا ، سي ڏاتيون هونديون ڪيئن. آهي رات و ڏينهن موڻ سنڌي من ۾.

(16)

نالي آندي نارنان توکي نالي نيندوسانء، نالو منهنجو ڪاٺ جن ۾ تہ نالو ڪندو سانء.
- نالو جهنگو، ٻيو نالو منگهو، نارنان ماروي. نالو ننگو. نالو اميدو. نالو شادي. ڪاٺ جي من.
پيچٽي ؛ جهنگئون آندي ماروي توکي ننگئون نيندوسانء. اميدون منهنجي من ۾ تہ شادي ڪندو سانء.

(17)

ڏڻ جا ساريو سومرا مونکي جر جا ڪريو پون. تن ڏڻ جن منجهان سومرا مارو ڪايو ڪوت ڪن. مونکي ماڻ نين هنن ڏڻ جن منجهان سومرا
- ڏڻ جا ڪکر، جر جا لڙڪ. ڏڻ جون ڪنييون. ڏڻ جا ڪڏا.
پيچٽي ؛ڪکر ساريو سومرا مونکي لڙڪ ڪريو پون. تن ڪنيين منجهان مارو ڪايو ڪوت ڪن. مونکي ماڻ نين هنن ڪڏن منجهان ري سومرا.

(18)

ذاتين کي ذاتيون اولاد جيئن هون. انهن کي ڪپڙ ڪانہ سومرا.
- ذات جا راجا. ذات رعيت. ڪپڙ جا تاڪا.
پيچٽي ؛ راجائن کي رعيتون اولاد جڳئن هون. انهن کي اهي تڪين ڪين ميان عمر سومرا.

(19)

پڪي پڪيءَ جون ڳالهڙيون آئون آچيان تي عمر ڪي. رڇ اباٽي پار جو سو هتي نہ ٽڪي. ميان عمر موڪل ڏي تہ مٽيءَ تي وڻ ٿيان.

- پڪي ڏاهو، پيو پورو. رڇ جو دلو. مٽيءَ جي جائي. وڻ جو گل.

پيٽٽي ؛ ڏاهين (ڏاهن) ۽ پورين (پورن) جون ڳالهيون آئون اچيان تي عمر ڪي. دل اباٽي پار جي سا تہ هت نہ ٽڪي. ميان عمر موڪل ڏي تہ وجي جائي تي گل ٿيان.

(20)

ذات ويندي ڙي ميان عمر سومرا. ڪم وجين نرنان ۾ پوندو. مون مال جي ڪئي ڪانہ مونکي مال جي ڏني چو؟

- ذات جا سک. نرنان صاحب. مال جي پيل. لوهہ جو جيل.

پيٽٽي ؛ ساک ويندي ڙي ميان عمر سومرا. ڪم وجين صاحب ۾ پوندو. مون پيل ڪئي ڪانہ مونکي جيل ڏنئي چو؟.

(21)

ڪاني اڳي ڪئي گاهہ آئون نہ ڪندياس. پاٽيءَ جي چوندين سومرا تہ هت آئون نہ هونداس.

- ڪانيءَ جي ٻياني. گاهہ سِڻ. پاٽيءَ جي موڪ.

پيٽٽي ؛ سيڻ اڳي ڪيا ٻيا ڪنديس ڪانہ، ڪلي موڪل ڏيندين تہ هت آئون نہ هونداس سومرا.

(22)

دل جنهن جي ڪتيءَ سان ، سا لڏ نہ هلندي ميان عمر سومرا

- ڪتيءَ جي چهٽي. لڏ جي ساڳري

پيٽٽي ؛ دل جنهن جي نہ چهٽي سا ڳر نہ هلندي ميان عمر سومرا.

(23)

ادا عمر تون ڪپڙ جو ڪندين پر فقيرن جو ڪونہ ايندو تو وٽ.

- ڪپڙ جو گاج. فقيرن جو راڄ.

پيٽٽي ؛ ادا عمر تون ڪاڄ ڪندين پر راڄ نہ ايندو تو وٽ.

(24)

نالو ڪيئي نالي لائي ان پيو نالو ڪرين.

- نالو سڏيو، نالو ثواب. نالو گناهہ.

پيٽٽي ؛ سڏ ڪيئہ ثواب لاءِ هاڻ تو گناهہ ڪرين.

(25)

رڇ نہ ڏر منھنجا پرين ، آئوم عجائبدار آھيان. ھن ملڪ ۾ منھنجو نرنان نہ ڪو. جنھن ڪي ھٿ ست جون ڏيان. ڪو ڇاڙا ڪيئن ڪريان، منھنجا پٽئون پري ٿيا.

ـ رڇ جو بدنو، ھڏ جي چري، سٽ جا ڏورا، پٽ جي وَسَ، نرنان سڄڻ.

پيڇٽي ؛ بد ڏر نہ منھنجا پرين آئون ھڏ چري آھيان. ھن ملڪ ۾ منھنجو سڄڻ نہ ڪو جنھن ڪي ڏوراپو ڏيان. ڪو ڇاڙا ڪيئن ڪريان مون ڪان وسئون پري ٿيا.

(26)

عمر ڪاٺ جو ڪرتہ زمينئون خبر پوي. ھوندا نالا نرنامن تي سٽ جا پانئج.

ـ ڪاٺ جو ٿنپ، زمين جو ڪيٽ، نالو ھقيو، نالو تڪيون نالو ٽڙيو. سٽ جو رسو.

پيڇٽي ؛ عمر ٿنپي ڏي تہ ڪيتئون خبر پوي. ھو ھڪيا تڪيا ٽڙن تي. سي رسيا پانئج.

(27)

نالي متي نرنام لڳا، نالو اٿئي ڙي ماروي.

ـ نالو گل، نالو ڦل، نالو رنگ.

پيڇٽي ؛ گولاڙن متي گل لڳا، اجان ملڪ جو اھو رنگ اٿئي ڙي ماروي.

(28)

ملڪ ان جي ڪري نرنان م ڪر مونڪي سومرا.

ـ ملڪ جي ڏس. ان جي ڪٽي. نرنان مکڻ.

پيڇٽي ؛ ڏس ڪاٽي ڪري مونڪي ھيئڻ م ڪڻ ڙي سومرا.

(29)

مرون سمجھي ڪتي جيئڻ م ڪر ، اڳيان نرنان اٿئي .

ـ مرون جي ھيڪل. ڪتي جو جھٽ. نرنان راڄو.

پيڇٽي ؛ ھيڪلڙي سمجھي جھٽ نہ ھڻ. اڳيان راڄ اٿئي ڙي سومرا.

(30) لوھ جون پيچ ۾ سومرا ڪائين ھڏ م پوء نرنان شھر م ناھي تڏھن راند جا ڪرين پيو تون.

ـ لوھ جون ڪرايون. ڪاٺ جا ھتيا. نرنان ور. شھر جي ڪنڌي. راند جا رنگ.

پيڇٽي ؛ ڪرايون پيچ نہ ميان عمر سومرا، ھتين ھڏ م پئو. ناھي ور ڪنڌيئين تڏھن رنگ ڪرين پيو تون.

(31)

پڪي مارن جو ڪپڙ آئون نہ ڪندياس. ليڪي جون آڇ عمر تون. نرنان آئون نہ ڪندياس.

- پڪي پرمار، ڪپر جي ميري، ليکي جو لک، نرنان قبول.
پيچٽي ؛ اها پرَ مارن جي ميري آئون نہ ڪندياس، لڪين آچ آچون عمر تون قبول آئون نہ ڪندياس.

(32)

نالا وني زاتين تي ويئي سا پيڙي جن تي نہ آئي.
- نالو جعفر، ذات جا چارڻ. پيڙي جو پتڻ.
پيچٽي ؛ جا ڦر چارڻ وئي سا پتڻ تي نہ آئي.
( هتي جعفر مان جا ڦر ٿيو آهي، ايئن ڳجھارتن ۾ لفظ کي پيچڻ روا آهي)

(33)

جر هوندي ڙي جيڏيون آئون جر کيئن پيئنديس. آئون ذات ولات جي سا تو وٹ هٿيار جي ٿيس
- جر کير، جر نير. ذات ٽاريلي، ولات ٿر، هٿيار ڏاريو.
پيچٽي ؛ کير هوندي آئون نير کيئن پيان، آئون ٽاريلي ٿر جي هٿ ڏاري ٿيس

(34)

جا (يا) وٽ ڪاٺ جي، جان (يا) کڻ مال جي.
ــ ڪاٺ جي ويسا ( ڪاوڙ يا ڪانوڻي) مال جي چرڀي.
پيچٽي ؛ ماروي کيت کي چوي ٿي؛ يا وٽ ويساهہ، يا کڻ چر ٻي.
( سنڌ ۾عورت کي پنهنجو شيل ثابت ڪرڻ لائي چريءَ ۾ پٽريل ٻرندڙ ڪوئلن تان گزارڻ جي رسم آهي،، هتي ان طرف اشارو آهي)

(35)

مال جو ڪندو ميان عمر سومرا تہ ذاتين آئون ويندياس. نالو ٿيندو ميان سومرا تہ نالو تو ڏيندياس.
ــ مال جرب. ذات جا ڏوتي. نالو پچاٽو. نالو سکيو.
پيچٽي ؛ جا رب ڪندو ميان سومرا تہ ڏوتئين آئون ويندياس. پچاٽو ڪندو تہ ميان سومرا سيکت آئون ڏيبدياس.

(36)

جهنگ جون ساريم سومرا، هو لوھ جون اباڻن.
- جهنگ جون ماڪيون. لوھ جي چاٽي.

پيچٽي ؛ ماکيو ساريم سومرا، هو چاٽيون اباٽڻ.

(37)

پکي مار م ميان سومرا ، پکي منهنجا مارو پلي هون. پکي چرن جهنگ ۾، اي ريت نہ ذاتين.

- پکي هڪڙو اپرو پيو سيرو ، پکي پار، ذات جا راجا. پکي طوطو.

پيچٽي ؛ اپرا مار م ميان عمر سومرا، منهنجا سيرا مارو پلي هون، ٻارن جو ڏتو جهلين جهنگ مان ايءَ ريت نہ راجائن.

(38)

عذاب جو مون ۾ هڪڙو، آئون راند جا ٻہ نہ ڪنديس، شهر ماروئڙن سين پکياٽي تان آئون نہ ٿينديس.

- عذاب جوساهہ پسا. راند جا رنگ. شهر لکپت.

پيچٽي ؛ ساهہ پساهہ مون ۾ هڪڙو، آئون ٻہ جڳ تان نہ جيئنديس. لک جي پت ماروئڙن جي سا ميري تان نہ ڪنديئس.

(39)

ڪاڇ جا ڪاون ميان عمر سومرا، وٹن هيٺ رهن، انين جا راڱن تي مال چرن.

ڪاڇ جا سڱر، وڻ ڪونيٺ، راڳ ڪيڏارو.

پيچٽي ؛ڪاڇ جن جو سڱر ميان عمر سومرا، هو ڪونيٽن هيٺ رهن. انين جا ڪي ڏارن تي مال چرن.

(40)

ڪاٺ جا چئو م ميان عمر سومرا، پنهنجا مون اچن. راضي ٿئين تون تہ عورت ذات ٿيان ميان سومرا.

- ڪاٺ جي بانڪس( جتڪيءَ ۾ باڪس ڪي بانڪس چيو وڃي ٿو) پنهنجا حيلا، عورت سنگھارڻ ذات جا مارو.

پيچٽي ؛ ٻانهن ڪس نہ ميان عمر سومرا، حيلا اچن مون راضي ٿئين تون تہ سنگھارن ملان ميان سومرا.

(41)

ڪل ڪامٽي ميان سومرا، جر ڪاٺ وڪر، هو تا ذات ڪين(ڪائين) آئون ڪيئن شهر ڪيان.

عورت جو ڪٽي وڃي ذات جن ڪي ڏيان.

ـ ڪل جي مهام( اسٽيئرنگ جيان گول گهمندڙ شيئ) جر جو اُسر، ڪاٺ جوسر، ذات جاحملاٽي، شهر چيزه پور. عورت جو قدم.

پيچٽي ؛ مهام جيئن ميان سومرا تون سرنہ اُسر. هو تا هم لاٽي ڪين آئوم ڪيئن تنهنجون چيزه پوريون ڪيان. خير جا قدم ڪٽي وڃي مارن مرڪان.

(42)

ادا عمر منهنجي ملڪ ۾ ڏڏ ۽ مال جي هياس. هتي اچي گاهہ وڻ ٿياس.

ـ ڏڏ جي مهي. مال جي متاري. گاهہ سڪو. وڻ ڪنڊو.

پيچٽي ؛ ادا عمر منهنجي ملڪ ۾ مهي ۽ متاري هياس. اچي تنهنجي ملڪ ۾ ڪنڊا ٿياس.

(43)

ادا عمر ان جا آچئين ، تہ بہ مقام جي نہ ماروي.

ـ ان جا دم. مقام جي ماٺ.

پيچٽي ؛ادا عمر دم دلاسا آچئين تہ بہ ماٺ نہ ماروي ۽.

() ادا عمر ان جا ڏئين تہ وڻ جانہ ماروي.

ـ ان جا چلا. وڻ جا مور.

پيچٽي ؛ادا عمر چلا ڏئين تہ بہ ڪائي مور نہ ماروي.

(44)

ادا عمر مٽيءَ جا لاهي تہ اپ جا ڏسي ماروي.

ـ مٽيءَ جا ڍڪ، اپ جا ڪس.

پيچٽي ؛ عمر ادا جي ڍڪ لاهين تہ ڪس ڏسي ماروي.

(45)

جبل جي ڏسي مونکي چر جو نہ ڏيو. آئون بہ پوڪ جي آهيان.

ـ جبل جا ڏار، چر جو ٿيلهو. پوڪ جي ڄائي.

پيچٽي ؛ ڏارياٽي ڏسي مونکي نيلها نہ نہ ڏيو. آئون بہ ڪنهن جي ڄائي آهيان.

(46)

ان جيءَ تي چڙهي مون لوهہ، راند جا ڏٺا.

ـ ان جي ميڙ،لوهہ جي توپ، راند جا تماشا.

پيچٽي ؛ ميڙين تي چڙهي مون توپن جا تماشا ڏٺا

(47)

عورت ساريم سومرا. ساشھر، سٽ جن ۾ ھوءِ. آئون اباڻن لوءِ پکي گاھ تيان.
ـ عورت مامڪ، شھر مٺي، سٽ جي ڄاري، پکي چڙ. گاھ جي چونڊ.
پيچٽي :مون مڪ ساري سومرا سا ٽين ڄارين ۾ ھوءِ. آئون اباڻن لوءِ چڙھي چونڊي ڏسان.
(48) سمجھي ڪاٺ مارن کي تو وپپار ليکي جي ڪئي ميان سومرا.
ـ ڪاٺ جي پاڪس ( ٻنيءَ کي ذاتيون باڪس کي پاڪس ٻه چون) وپپار جي پت. ليکي جي پوٽي.
پيچٽي : سمجھي ناقص منھنجي مارن کي تو پت پوٽي ڪئي ڙي ميان عمر سومرا.
(49)
مال جن مان آندي ماروي سا مال جا کندو ڪيئن. تون جي ڏئين مال جا مال جن سين تہ ماروي ڪائي ڪيئن. ماروي ڪائي مال جوسي مال جن ۾ ويھي ڪيئن.
ـ مال جا ٻکر. مال جا ککر، مال جا ساڳ، مال جا داڳ. مال جا کنبا. مال جا کڏا.
پيچٽي : ٻکرئون آندي ماروي سا ککر کندي ڪيئن. تون جي ڏئين ساڳ داڳن سين سي ماروي ڪائي ڪيئن؟ ماروي ڪائي کچيون کنبيون، سي ھنين کڏن ۾ ويھي ڪيئن؟
(50)
ڪاڃ جا ساريم سومرا. مونکي اچيو ڪاڃ جا پون. مونکي مارو نين مانَ ڪاڄَ جن مان ڙي سومرا.
ـ ڪاڃ جا بيھہ. ڪاڃ جا لوڙھ، ڪاڃ جا گند
پيچٽي : بيھہ ساريم سومرا ، مونکي اچيو لورھ پون. مونکي مارو مانَ نين ھني گندن مان ري سومرا.
(51)
مچي ساريم سومرا، سا تہ مچي اباڻن.
ـ مچي ٿوٿ، مچي آل.
پيچٽي :جو ٿر ساريم سومرا سو تہ اچ آليو اباڻن.
(52)
ڪاٺ تمنھنجا کوھ کريان ڪا ذات موکل ميان سومرا.
ـ ڪاٺ جا گج. ذات جا ڪلوئيءَ.
پيچٽي : گجن تنھنجن کي چا کريان ڪا لوئي موکل ميان سومرا.
(53)

عمر تنھنجي ڏيھہ ۾ آئون وڻ ذات آھيان.
- وڻ ٻوھہ. ذات جا ساٿيءَ.
ڀڄڻي ؛ عمر تنھنجي ڏيھہ ۾ آئون ٻوساٽي آھيان.
(54)
نالي ذات جيئڻ سومرا ، اسينعرض جيئڻ اڇون. رکيو ڪنھن نہ ڪڏھن ھھڙو اپ جو مارن سين.
- نالو رندو. ذات جا راجا، عرض جي صدا. اپ جو ڪس.
ڀڄڻي ؛ رھندا انھي راڄ ۾ سدائين اڇون سومرا. رکيو ڪنھن نہ ڪڏھن ھھڙو انڪس مارن سين.
(55)
ادا عمر آئون وڻ ھياس تہ مونکي مرض جو نہ ھو ڪو
وڻ ٻاور (ٻٻر) مرض جو سور.
ڀڄڻي ؛ ادا عمر آئون ٻار ھياس تہ مونکي سور نہ ھو ڪو.
(56)
ڪاني مَ ڀڄي ڪنھن جي مر پيا ڪاٺ پون. مالئون لوھہ جون جرجن متي. گاھہ ڪپڙو چئو تن ڪي.
- ڪانيءَ جي اوڙڪ. ڪاٺ جي پونري. مال جون تسياريون. لوھہ جو پونر. شھر تڙ.
ڀڄڻي ؛ اوڙا شال مَ ڀڄي ڪنھن جي مر پيا پونر پٽڻ. ھو تسياريون تڙن تي گھنڊ وڃايو گھڙن. اھي عمر سونھن جنھنجي ڪيھہ ڪتيرين سان.
(57)
وڻ وڃني ميان سومرا، سٽ نہ بڇني ڪو.مونکي آٽي تو مرض ۾ وڏو.
- وڻ سرُ سٽ جو ٻڻ، مرض جو سور،
ڀڄڻي؛ سِر وڃني ميان سومرا ٻڻ نہ رھني ڪو، مونکي آٽي تو سورن ۾ وڏو.
(58)
ھندوء جو وڃني سومرا، شل نالو ٿئين ڪين.
ھندوء جو رام، نالو سڪيو،
ڀڄڻي؛ آرام وڃني سومرا شل سڪيو ٿئين ڪين،
(59)

وڪر نرنا توکي شهر پيو، تو نالو جلڻ حسن اهو ڪم ڪيو، تو ريءَ نالي نرنان سپ مال جو
ويو.
وڪر جو ڪينڙو، نرنان عمر، شهر ڪڏارو، نالو ساماڻو، پيو سومرو، مال جو تڙ،
ڪني ڪنئي ڙي عمر سومرا ڪڏارو تو ڪيو،
تو ساماڻيون سومرا اڳئين وڙ ويو.

(60)

ڪائي پڄي ۾ ڪنهن جي مر پيا ڪاٺ پون،
مالئون لوهه جون جر جن متي،
گاهه ڪپڙو چئو تن کي.
ڪائي جي اوڙڪ، لوهه جو پونر، مال جون تسياريون، شهر تڙ.
پيڄٽي ؛ اوڙا شال ۾ پيجي ڪنهن جي، مر پيا پونر پٽن،هو تسياريون تڙن تي گهنڊ واڄايو
گهڙن، اهي عمر سونهن جن جي ڪيهه ڪٽيرين سان.

# سرسهٽي ميهار

(1)

نارنا پاٽيءَ جن ۾ هئي، نرنان پنهنجو ڪنيو.مون نہ پانيو ادا مال جي اڳي
جر جن ۾ .

ـ نارنا سنهٽي. نرنان ساهڙ. مال جو ڪرڳل. پاٽيءَ جي ٻوڙي.

پيچٽي: سائر سنهن ڪنيو مون نہ ٻوڙي سنهٽي. مون ڪان اڳي ئي ڪيڳل هيو انهي ڪن ۾

(2)

موت جا گاهہ تيا پاٽيءَ ۾ هئي سسئي.

ـ موت جا ڪانڊي. گاهہ جا ڪک. پاٽيءَ جو وهڻ. مئي جو جنازو.

پيچٽي: ڪانڊي ڪک تياس وہڻ جنازو سنهٽي.

(3)

ڪٽيو ڪاٺ هٿ ۾ پوک ڏسيو تي روئي. انهي پوک ۾ مانَ منهنجو نالو هوئي.

ـ ڪاٺ جو لڑو. پوک جو چٽو. نالو ميهار. پوک جو مٽر.

پيچٽي: ڪٽيو لڑها هٿ ۾ هوءَ چڙا سٽيو تي روئي. انهي مترن ۾ مانَ منهنجو ميهار هوئي.

(4)

شهر منجهہ وٽئون لوهہ ڪپڙي جي آهيان.

ـ شهر ٻيلو. وڻ ٻوهہ. لوهہ جو چڙو. ڪپڙ جي چونري.

پيچٽي: ٻيلن منجهہ ٻُرن تن چڙن چوري آهيان.

(5)

پٽئون پير پري، عضوي سڏ ڪري. هڙ ملان ڙي جيڏيون.

ـ پٽ جو ٻيٽ. عضوو ڪپار. هڙ جي ڳنڊ.

پيچٽي: ٻيٽئون پير پري ، ڪ پارئون سڏ ڪري. الله ايئن ڪري ساهڙ ملان ڙي جيڏيون.

(6)

لوهہ جون گاهن ۾ ڪو نرنان ڏنان.

ـ لوهہ جون ڪنڊيون. گاهہ جا پورا. نرنان ميهار

پيچٽي: ڪنڊيون پورن ۾ ڪو ميهار ڏنان ڙي جيڏيون.

(7)عورت ڪي اڏ رات جو اکر ڪي نہ ڪري، سٽي گاھ نرنان جو وجي وڻ چڙھي.
- عورت سھٽي. اکر جو سيپارو. گاھ نڙ نرنان ميھار.
پيچٽي: سنھٽيءَ ڪي سيپارو ڪي نہ ڪري. سٽي نڙ ميھار جو ساتار چڙھي.
(8)
جر جون جر جا پلي لڳن عضوي ڪاچ نہ پانيان.
- جر جي آر. جر جي اچل، عضوي جو ڳريو. ڪاچ جو پوڙ.
پيچٽي: آرون پلين اچلون ڪن تہ بہ ڳرئيپوڙ نہ پانيان.
(9)
جتي اٺ ڪاٺ جا اتي تون ڪيئن ذات ڙي سسئي.
- اٺ جو تارون. ڪاٺ جو ڏاڪو. ذات لنگھا.
پيچٽي: جتي تارون ڏڪن اتان تون ڪيئن لنگھي ڙي سسئي.

(10)
جڏھن مان لوھ جي ھياس تڏھن پنھنجا وکر ڪرين ھا.
- لوھ جي تار. پنھنجو اوڪار. وکر جو پارو.
پيچٽي: جڏھن مان اٽتارھياس ، تڏھن اڪاري پار ڪرين ھا.
(11)
پکي پکي تي ڌريو پکي نڱي نار. پاڻ پکياٽي ذات پکياٽي. جڏھن ڳڏجيس پنھنجو پکي تڏھن تئيس ڪاٺ قرار.
- پکي ڳگھي. پکي ممي. پکي سرڻ. پکي نار. پاڻ سنھٽي. ذات ڪٽياٽي. نرنان ساھڙ. ڪاٺ جو من.
پيچٽي: گھگھي ممي ڌري آھي سري نکتي نار. پاڻ سنھٽي زات ڪٽياٽي جڏھن ڳڏجيس ساھڙ تڏھن تئيس من قرار.

پکي پکياٽي پکيءَ جي پار. سچو قول قرار نہ پکيءَ ملندي پاڻ.
(12)
ھيءَ ڳجھارت سيٽوڏو ڳوٺ جي سگھڙ ميين عبدالرحمان ڏني ھئي)
ڏڏ وڻ جيئن ويندياس نرنانءَ ھونر جتي.

ڪاٺ سنديون ڳالھڙيون وڃين نرنان سان ڪندياس.
ـ ڏڌ جي مھي. وڻ ڪھي. ڪاٺ جي من. نرنان ساھڙ. نرنا مھار.
پيچٽي : ڪھي مھي وينياس ساھڙ ھوندم جتي. من سنديون ڳالھڙيون وڃين مھار سان ڪندياس.

(13)

(ميين عبالرحمان جي ڳجھارت جواب ۾ ميين ايوب جي ڏنل ڳجھارت )
عضپي ذات وينياس نرنان ھوندم جتي. عضوي سنديون ڳالھڙيون نرنان سان ڪندياس.
ـ عضوي جي تري. ذات جا مري. غضوي جو من. نرنان ساھڙ. نرنان مھار.
تري مري وينياس ساھڙ ھوندم جتي. ھن من سنديون ڳالھڙيون وڃين مھار سان ڪندياس.

# مومل راڻو

(1)
نالي منجهہ اچي نرنان. پيئي نالو ڏسان شال.
نالو موندر، نرنان ميڙرو. نالو پروز (فروز)
پيچٽي :
مون در اچي مينڌرو پيئي روز ڏسان شال.
(2)
نالو اٿئي منهنجا پرين چڏ نالي جي پچار.
جيئن نالو تو من ۾، تيئن نالو آئون سپ چمار.
نالو آيو. نالو موڻڻ. نالو راڻو. نالو راضي.
پيچٽي : آيو آهين منهنجا پرين چڏ موڻڻ جي پچار
جيئن تون راڻو راڄن ۾. تيئن آئون راضي سپ چمار.
(3)
جر جي هئيس مينڌرا، جر جي ڪين ٿيان. هئيس ٻہ جر جي جر ۾ جر جن ڪين لوڏياس. وهم انهي ورتياس ڏونگر جو ٿيا.
- ( هن ڳجهارت ۾ مختلف مڇين جا نالا آهن)
مڇي پري، مڇي مڪڙي. مڇي ڏاهي. مڇي لور. مڇي پوپري. مڇي پلو. ڏونگر جو پهڻ.
پيچٽي : پري هئيس منهنجا مينڌرا مڪڙي نہ ٿياس. هئيس ٻہ ڏاهي ڏيل ۾ لوڙهين ڪين لوڏياس. وهم انهي ورتياس پوءِ پرين پاڻ پلي ويا.

(4) ڪپڙي ۾ ٿي ڪپڙو ڪريان، سڄڻ نالي جا نام ميان، نرنان منهنجو رات نہ آيو.
- ڪپڙ جو ڪيس، ڪپڙ جو ويس. نالو سلطان . نالو چام.نالو جاني. نالو نينهون.
پيچٽي : ڪيسن ۾ ٿي ويس ڪريان، شيخ سلطان ميان. جاني منهنجو رات نہ آيو دانهون چو ڪريان.
(5)
ڪاغذ فقير جو نرنان ڪي چٽج نار هئي ڙي جتي مال جا هئا.

ـ ڪاغذ جي حقيقت. فقير جو حال. نرنان راڻو. نار مومل.
پيچٽي ؛ حقيقت ۽ حال وجي راڻي کي چئجان. مومل مئي ڙي ميڙرا جنهن تي هيڏا هيج هئا.
(6)
رکي ڪاٺ ڪکن تي ذاتين ٿي ڪڏايا. چيري ۽ ان جيئن مرون سجهن.
ـ ڪاٺ جي صندل. ڪک سڻ. ذات جا رانوڙ. چيري جو اهاءُ. ان جو چٽو. مرون روجهه
پيچٽي ؛ رکي سيڻ صندلن تي رمايا تي رانوڙين. انهن جي اهاءُ تي چنا پٽ رڄن.
(7)
نرنان هنئي وڻ ۾ سا جر جن ۾ جر جا ڪندي وئي.
ـ نرنان سوڊو، وڻ سوپاري. جر جو ڪائو. جرجو ڪرڪو.
پيچٽي ؛ سوڊل جا هنئي سوپاري سا ڪاون ۾ تي ڪڙڪا ڪري.
(8)
ڪائي رکي تهمت ڏري پکي وئين چو نہ.
ـ ڪائيءَ جي ڪام. پکي ڪوهي.
پيچٽي ؛ ڪام رکي بدنام ڪري وئين، تنهن ڪان ڪوهي چو نہ وئين؟
(9) وڻ جا ٿا پون پکي شهر متي.
وڻ جا پڙلا. پکي ڪونج. شهر ڪاڪ.
پيچٽي ؛ پڙلاء ٿا پون ڪونجن جا ڪاڪ متي.
(10)
اي ميان مون ۾ مرون پيو تڏهن مچي پوک ٿي.
ـ مرون پولڙو. مچي پچي. پوک پکي.
مون ۾ پُل ڏني تڏهن پچي پک تہ ڪرٽي هئي.
(11) پوک رکي نرنا ولات ويو.
پوک جو رنجڪو. نرنان راڻو. ولات ڪاڪ.
پيچٽي ؛ رنج رکي راڻو ڪاڪ ويو ڙي.
(12)
پنڌ ذات جا سو پکي پوک تي پون. نالا عيبن بنديون سي نرنان نرنان کي چون. جي عضوي عورت جيئن وجن تنهن جو نالو نہ ٿيو.

- پنڌ جا گام. ذات جا گهوڙا. پڪي باشو. پوک ڪوماٽي. نرنا رتو. ٻيو نرنا رانول. عضوي جو منهن. عورت مومل. نالو موٽڻ.

پيچٽي ؛ - هي تہ گام گوجرن جا مٽي بادشاه ڪاهون ڪن. خان بيٺا خمار ۾ اتي رانول رت روئن. جيڪي وجن منهن مومل جي تنين موٽڻ مس ٿئي.

(13)

نار نالي نالن سان، ڪپڙي جا چا ڪندي؟

- نار ناتر. نالو سالک. ڪپڙي جا نمونہ.

پيچٽي: ناتر سالڪن سان نمونہ چا ڪندي؟

# ليلان چنيسر

(1)

ذاتيون آيون جن مونکي ذات ڏني تن کي آئون نالو ڏيئي ويٺي آهيان.

- ذات جا ڪسير، ذات جا پڙهيار. نالو ور

پيچٽي: ڪسيريون آيون جن مونکي پڙهي هار ڏنو.

تن کي آئون ور ڏيئي ويٺي آهيان.

(2)

ڪپڙو پائي آئيس منهنجا پرين ڪائيون ٻوليون پنهنجون ڪر،

مون هڏ مٽيءَ جون ڪيون تون ذاتيون پنهنجون ڪر.

- ڪپڙ جو پلو. ڪاتيءَ جي منڊي. ٻوليءَ جي معافي. مٽيءَ جي ڪچي.ذات جا راهما.

پيچٽي: پلو پائي آئيس منهنجا پرين تون مديون معاف ڪر.

مون هڏ ڪچايون ڪيو تو ڪا رحمي نظر ڪر.

(3)

ٻولي اٿئي ليلان هاٽي ويٺي ٻولي ڪر، واپار جو ڪو ٿيندو ڪونہ.

- ٻوليءَ جو جواب، ٻوليءَ جو سوال. واپار جو نفعو.

پيچٽي: جواب اٿئي ليلان هاٽي ويٺي سوال ڪر.

پر ڪو نفعو ٿيندئي ڪونہ.

(4)

اديون مون پارئون ڪاتي تي نرنان کي چئو نارنان کي اپ جو نہ.

- ڪاتيءَ جو ميڙو. نرنان چنيسر. نارنا ليلان. اپ جو لوڏي (هڪ نکٹ جو نالو)

پيچٽي: اديون مون پارئون ميڙ تي چنيسر کي چئو ليلان کي لوڏ نہ.

(5)

نار نالي شهر جالي، ڪائياري وڃي ڪسب جو ڪيو.

- نار ليلان. نالي ڪونئرو. شهر ليهور. ڪسب جو ڪوڪٹ.

## ڳجهارتون : ڪلاڏر متوا

پيچٽي؛ ليلان لڏي ليهور چڙي. ڪونئرو وڄين ڪو ڪوڪٽ ڪيو.

(6)

لوهہ جي ليلان اڃان پيئي وڻ جا ڪرين؟

- لوهہ جي دور بين. وڻ آسر.

پيچٽي؛ هو دور ويا ليلان اڃان پيئي آسرا ڪرين

(7)

ٻولي آهين پر ٻولي ڪر.

- ٻوليءَ جي ڦري. ٻوليءَ جي فرياد.

پيچٽي؛ ڦُري آهين پر فرياد ڪر ليلان.

(8)

پڪي اٿم پنهنجو تون راند جي ڏي چنيسر.

- پڪي ڪيانتو. راند جي رهڻ.

پيچٽي؛ ڪيان (ڪان ) تي پنهنجو تو رهڻ ڏي چنيسر.

(9)

مان جيئڏ آهيان. رڇ جو نرنا منهنجو.

- جيئڏ ماڪوڙي. رڇ جو ڏڪ. نرنان ايوب.

پيچٽي؛ مان ڪوڙي آهيان هاٽي تون ڏڪ عيب منهنجا.

(10)

نالو هٽي مرض ڪيائين ڪاٺي ڪاٺ.

- نالو سڪيو. مرض جو سودا. ڪاٺيءَ جو ڪپو.

پيچٽي؛ سڪياٽي هئي سودا ڪيائين ، هاٽي ڪپي نہ.

(11)

اب جي ليلان اڃا پيئي راند جا ڪرين؟

- اپ جي يني. راند جا بکيڙا.

پيچٽي؛ يني ليلان اڃان پيئي بکيڙا ڪرين.

(12)

ڪاريگر جو ڪري وڄ نالو ڪر ڙي ليلان.

- ڪاريگر جو پهہُ. نالو ڪنبير.

پيچٽي:   ڪو پهڻ ڪري وجي ڪنبي رهه ليلان.

(13)

ليڪو ئي ليڪو ليڪي جي ليلان.

- ليڪي جو ڏنو. ليڪي جو ورتو. ليڪي جو لهٽو

پيچٽي:   تو ڏنو مون ورتو هاٽي لهين چا ليلان.

(14)

توکي ڪاٺيءَ ۾ راند جي، مونکي ڪپڙو گاهه چڱو.

- ڪاٺي جو ڪپو، راند جي هار، ڪپڙو چني، گاهه سر.

پيچٽي ؛ توکي ڪپي هار، مونکي چنيسر چڱو.

(15)

ليلان ڪي لہ لڳو تہ ڪونرو وڻ ٿي.

- لوهه جو هول. وڻ ڪنوار.

پيچٽي ؛ ليلان هول لڳو تہ ڪونرو ڪنوار ٿي.

## سر سورٺ

(1)
آ ڪاتي ڪر ٻولي توکي ڪپر سان ڏيان مان.
ڪاتيءَجي ساھمي. ٻوليءَ جي صدا. ڪپڙ جا اکيا.
ٻجھٽي ؛ آ سامي ھڻ صدا توکي اکين سان ڏيان.
(2)
نرنان نڪريو شھر مان وجي وکر جي ڪٽي. تنھن کي نرنان ڪونہ ڳڏيو جنھن کي ڏئي ڪٽي.
- نرنان ڳدودي. شھر ڳرنار، وکر جي ڪٽوري. نرنان سائل.
پيجٽي ؛ ڳدودي نڪريو ڳرنار مان ڪٽوري ڪٽي. تنھن کي سائل ڪونہ ڳڏيو جنھن کي ڏئي ڪٽي.
(3)
ھو تو نرنان جنھن جي ڪاتي ٻجڙي آھي. ھٽ لائي تو عورت کي تون پکي تي لائي.
- نرنان ٻيجل. ڪاتيءَ پونري.. عورت راڻي. پکي سنيري.
پيجٽي ؛ ھو تو اچي ٻيجل جنھن جي پونري ٻجڙي آھي. ھٽ لائي تو راڻيءَ کي تون سنيري لائي.
(4)
ڪپڙ متي مون، متي ڏي مَر مگٽا.
ڪپڙ جو چٽ. متيءَ جو ڪيرو.
چٽ متي مون ڪيرو ڏي مگٽا.
(5)
وٺ نالو ني نالو پر پکي نہ.
نالو ماٽڪ. ٻيو موتي. پکي پرمار.
پيجٽي ؛ ماٽڪ ڳنھ موتي ڳنھ پر مار نہ.
(6)
آئون تي نالو ڏيان سو نالو وجين نرنان کي ڏيکار. پھڻ جو چڏ کي مَر کي وجي پکي ڏار.
جنھن تي منھنجو مدار سي ڪپڙ جو نہ ڪيرائي.

ـ نالو ڏنو. نالو دولت. نرنان جڳمال. پکي ڪڪڙ. پھڻ جو ڪوڙوڪسيرو. ڪپڙ جو ڇٽ.
ـ آئون ٿي ڏن دولت ڏيان سو وجي جڳمال کي ڏيکار. ھي ڪوڙو ڪسيرو ڇڏ مَ ڪي وجي سونا ڪڪڙ ڇڻڪار. جنھن تي منھنجو مدار سي ڇٽ ڪيرائي ڪي مَ ادا.

(7)

جيئڏ ڪاٺ جي تو ڏيان جي نالو ڏئين مون.
ـ جيئڏ پدم. ڪاٺ جي مھري. نالو اعتبار.
پيچٽي ؛ پدم مھرون توکي ڏيان جي اعتبار ڏئين مونکي.

(8)

نالو ذات ڏي نالو ئي نرنا. ڪکن جون ملڪن ۾ نالو ٿئين نرنان.
ـ نالو. زرجو. نالو طالب. ذات جا سرماڙي. نالو سگھو. نالو سردار.
زر جو طالب ناھيان ڏي سر ڏاتار. تہ ڏيکاريان ملڪن ۾ تو سگھو ٿي سردار.

(9)

مڃيءَ متي ذات پورھيت ٻولي ڪن.
مڃيءَ جو دڙو. ذات جا داسڙا. ٻوليءَ جي ٻي جھل.
دڙن متي داسڙا ھو ٻيجل ٻوليون ڪن.

(10)

نرنا آيو تنھن کي ٻوليءَ جي ڏي.
نرنان پينار. ٻوليءَ جي جيءَ.
پينار آيو تنھن کي جيءُ ڏي.

(11)

مال جي ھجي مڱتا. مال جي ٿئي شال. تو پڻ اچي ڪالھ وڌي مال تان.
ـ مال جا چوڙا. مال جا وڳ. مال جا وچوڙا.
پيچٽي ؛ ماس ڪري ڪرنڌئي ھڏو رھندين شال. تو پڻ اچي ڪالھ وڳر وچوڙيا.

(12)

اديون ڳھ ڪاني ڪٽي کي نہ ڪي اي وڻ اڳي ئي ھو.
ـ ڳھ جو ھيرو. ڪاٺ جي نيھ. وڻ اڪ.
پيچٽي ؛ اديون ھيرا ني ڪين ڪي اي اڪسي اڳي ئي ھو.
(اڪسي _ خاري.)

(13)

ڪکن پنهنجن کي نہ چور ، ڪر ڪکن کان بس ميان. ہ نالا هي ٿي ڏيان، ڪر نالي کان بس ميان.

- ڪک جو تندو. نالو ماڻڪ پيو موتي. نالو رائي ڏياچ.

تندن پنهنجن کي نہ چور ڪر تندن کان بس ميان. هي ماڻڪ موتي توکي ڏيان ڪر رائي ڏياچ کان بس ميان.

(14)

شهر ۾ جڏهن عضوي جو ٿيو تڏهن عضوو وٺي نرنان ويو.

- شهر جهونا ڳڙهہ. لوهہ جو ڪرٽ. عضوي جو سر. نرنان پيجل.

پيجٽي ؛ جهونا ڳڙهہ ۾ جڏهن ڪوڪٽ ٿيو. تڏهن سر وٺي پيجل ويو.

(15)

ڳهہ جا مون مڱيا هئا تہ نرنان پيا ہ گهٽا.

ڳهہ جا هيرا موتي. نرنان راجا.

هيرا موتي جي مون مڱيا هئا تہ راجا پيا ہ گهٽا.

(16)

نالو نالي نالا ڏي پر نالو سرڏي ڪونہ.

- نالو ساريو. نالو ڳهٽو. نالو سونو. نالو سامي.

پيجٽي ؛ سونا ڳهٽا ساريو ڏي پر سامي سرچي ڪونہ.

(17)

وکي نيئي شهر ڪيوولات ۾ ڪاٹ ڪاسبي ، نرنالي سين مال جو ويو.

- وکر جو ڪينڙو، شهر ڪڏارو، ولات شام، ڪاٹ جهل، نالو سمون، پيو سمانو، مال جو وڙ.

پيجٽي. ڪينڙي نيئي توکي ڪڏارو ڪيو، سام جهلڻ ڪم اوهان جو،

جڏهن سمون ساماٹو تڏهن ور سچو ويو.

# هير رانجهو

(1)
گهوڙي جيئن زمين ۾ نرنا ويٺو نار گهري.
ـ گهڙي جي انڌاري. زمين جي قبر. نرنان رانجهو. نار هير.
پيچٽي ؛انڌاري قبر ۾ رانجهو ويٺو هير گهري.

(2)
هڏو ساميءَ من ۾ ڪاني پنندو اچي.
ـ هڏي جو سنڌو. ڪانيءَ جي ڏوهي.
پيچٽي ؛ سنڌو رانجهن من ۾ اوڏو پنندو اچي.

# مورڙو

(1)
ٻي شهرن جي وچ ۾ مرون پيدا ٿيو. پکي سي مروءَ کي ماري ويو.
- پيچٽي ؛ شهر ڪلاچي. سھر ڪن. مرون مانگ مڇ. پکي مور.
پيچٽي ؛ ڪلاچيءَ جي ڪن ۾ مانگر مڇ پيدا ٿيو. مٿان آيو مور سي مڇ کي ماري ويو.
(2)
عورت پڇايا ڪپڙا مٿان اپ جي پيئي. ويا ڪاٺ وھي شهرئون کھي سي ڪڍھن آيا ڪين.
- عورت ماکو. ڪپڙ جا موليا. اپ جي رات. جر جي اول. ڪاٺ جا ونجھ. شهر ڪلاچي.
پيچٽي ؛ ماک پڇايا موليا مٿان رات پيئي. اوليون اوجھڻ لڳيون ويا ونجھ وھي.ڪلاچيا کھي سي تہ ڪڍھن آيا ڪين.

(ھيءَ ٻجھارت ھيئن بہ آھي)
(3)
عورت پڇايا ڪپڙا مٿان اپ جي پييءِ. جرجون جر جن سان لڳي ويا ڪاٺ وھي.شهر رڇ جي اديو مونکي کل ڪانہ پيئي.
- عورت ماکو. ڪپڙ جو موليو. اپ جي رات. جر جي اول. جر جي اوج. ڪاٺ ونجھ. شهر ڪلاچي. رڇ جو ڪنو.
پيچٽي ؛ ماک پڇايا موليا مٿان رات پيئي. اولون اوجھڻ لڳيون ويا ونجھ وھي. ھن ڪلاچيءَ جي ڪن جي اديون مونکي کل نہ پيئي.
(4)
ڪپڙو ذاتين جو جر جن منجھ ويو.
ڪپڙ جو چٽ. ذات جا چڳير. جر جو ڪن.
چٽ ڳڳيرن جو ڪنن منجھ ويو.

(5)
ڪاٺي نالي مٿان نالي نام ڦٽي ڪئي.

ـ ڪاتي مهري، نالو مور. نالونامدلوراء
پيچٽي ؛ مهر مور مٿان دلوراء ڦٽي ڪئي.

(6)
جهنگ جا اتي شهر جي ڪر، هو نرنان ئي نہ.
ـ جهنگ جا مور، شهر جي پيٽي. نرنان وريو
پيچٽي ؛ مورڙا اتي پيٽڻ جي ڪر هو وريائي نہ.

# ليلا مجنو

(1)
نرنان ڪٽي مرون جو عضوو چميو ته ماٿهوء چوڻ لڳا اي ميان نرنان هي ڪرين چاتو. تڏهن چوڻ لڳو ته نارنان جي شهر ۾ ٻولي ٿيندو هو.
ـ نرنان مجنو، مرون ڪتو. عضوي جو پير. شهر جي محلات.
پيچٽي ؛ مجني ڪٽي ڪتي جو پير چميو تڏهن ماٿهوء چوڻ لڳا ميان مجنا هي ڪرين چاتو.چوڻ لڳو ته هي ليلا جي محلات ۾ ڪڏهن ڪڏهن ايندو هو.
(2)
نالي چيو نارنان ڪي عورت ڪپڙ نه، جاني منهنجو شهر ۾ تنهن ڪان پاڻ نه تون.
ـ نالو مجنو. نارنا ماءُ. عورت جيجل. ڪپڙي جي جهل. پاڻ جي پل.
پيچٽي ؛ مجني چيو ماء ڪي جيجل جهل مَ مونڪي. منهنجو معشوق آهي مصر ۾ تنهن ڪان پل مَ تون.
(3)
نرنان چيو ڪپڙ ياد پيو گهمي هو ڏسان. نالن مان نالا نام وٺي رات و رات رسان. الله اهڙي قسمت ڪري جو ملڪ پري ڪان پيو پسان.
ـ نرنان مجنو. ڪپڙ جو مسر. نالو گل. نالو ڦل. ملڪ يمن. پيو يونان.
پيچٽي ؛ مجني چيو مونڪي مصر ياد پيو گهمي هو ته ڏسان. باغن مان گل ڦل وٺي رات و رات رسان. الله اهڙي قسمت ڪري يمن ۽ يونان پري ڪان پسان.
(4)
هيٺ نالو مٿي نالو اجان ٻه نالو ڙي.
ـ نالو مجنو، نالو وليو. نالو جيئرو.
پيچٽي ؛ هيٺ مجنو مٿي وليون اجان ٻه جيئرو آهي ڙي.
(5)
نرنا منهنجي نرنان ڪي نرنان چوين ڪيئن. واٽئين جهيري گاهه جون ڪيون تنهن ڪي وڻ جون آچيان ڪيئن.

- نرنان محب. نرنان مجنو. نرنان چريو. واٽيئين جو علم اڪر. ڇيري جي ڪوڙه.وڻ جي ڪام. گاھ جو پورو.

محب منهنجي مجني کي چريو چوين ڪيئن. علم اکرين پورو تنهن کي ڪوڙهيا ڪامون هٽين ڪيئن.

(6)

اي ميان نرنان رپي جا عيبدار، اوهان اسان راند جيئن ايندا سين.

- نرنان مجنو، رپي جو ماسو، مرض جو اسو، راند جي وري.

پيڇٽي ؛ اي ميان مجنا تو اتي بيهه، اسون چري چوماسو يار وري ايندا سين.

# متفرق

(1)

نالو ڙي نالو.

نالو موسو. نالو ساڄن.

پيچٽي ؛ مون سو ، ساڄن آيو.

(2)

نندڍ ۾ اڳي هئا ٻيو ڪپڙ جا ڪيائون. وجهي پٽر وجود ۾ ڪاٽي ڪيائون. انهن کي آئون نالا ڪيئن ڏيان.

- نندڍ جا سهٽا .ڪپڙ جا کهنبا. پٽر جو سرمون. ڪاٽ جي پٽي. نالو مبارڪ

پيچٽي ؛ سهٽا اڳي هئا سپرين ٻيو کهنبا ڪيائون.

وجهي سرما اکين ۾ پٽيون پاڙيائون.

انهن کي آئون مبارڪون ڪيئن ڏيان.

(3)

نالي وارا هئاسون رڃ ٿياسون . ڪاٽ جي ۾ پئي ذات ٿياسون.

- نالو اميدو. رڃ جو گڏون. ذات جا مري. ڪاٽ جو قوڙائو.

پيچٽي ؛اميد گار هئاسون پر گڏجي نہ سگهياسون. انهي قوڙائي ۾ مري وياسون.

(4)

ميان ڙي نرنان شهر جا ڏٽي تون ڪپڙ جون ڏي تہ توکي مال جون ڏيان.

- نرنان دادن شاهہ. شهر نگريو. ڪپڙ جا پاڪر. مال جا چاريانگ.

پيچٽي ؛ ميان ڙي نرنان نگري جا ڏٽي تون چاريانگ ڏي تہ توکي پاڪرون پايون.

(5)

مٽيءَ جو ڏيندي نرنان ملي تہ نرنان ٿيان ڪوهہ؟

- مٽيءَ جي سر. نرنان ساڄن. ول ڪانهل.

سر ڏيندي ساڄن ملي تہ ڪانهيل ٿيان ڪوهہ (چو)

(6)

ڪاٽ جن کي خبر ناهي تہ ڪو مرون هن جوء ۾ .

- ڪاٺ مل. جوءِ جو ڪن. مرون ڪچون.

پيچٽي : ملاحن کي خبر ناهي تہ ڪو ڪچون هن ڪن ۾.

(7)

آيون پکياٽيون ڪري ڪپڙ وات. پچن ٿيون ولات ڪٿي نرنان راند جو.

- پکي ڳجھہ. ڪپڙ ڳاڙهو. ولات پريات. نرنان رانول. راند جي رانهين.

پيچٽي :آيون ڳجھڙيون ڪري ڳاڙها وات. پچن ٿيون پريات ڪٿي رانول راهيان.

(8)

گھر تہ گھٽي گھر هيو پر نارنا وڪر جو ڪيو.

- گھر جو پريو. گھر جو تريو. نارنان نانگي. وڪر جي ناس.

پيچٽي: پريو آهي تريو گھٽو پر نانگيءَ اڇي ناس ڪيو.

(9)

پکي چاڙهي درياهہ تي ڪاڄ بہ منهنجو جن. آئون مهندا تن پکي ٿينديس ڪين ڪي.

- پکي ڪوهي. درياهہ جو ڪنارو. ڪاڄ جو مانس. پکي ٻاڙو.

پيچٽي :ڪوهي ڪناري چاڙهيو مانس بہ منهنجو جن. آئون مهندا تن ٻاڙو ٻوليندس ڪين ڪي.

(10)

( هيءَ ڳجھارت دودي چنيسر مٿان آهي)

ڳار ڳلي سا مون سان هلي. اڳيان هو نرنان مال جن ۾ تو سجهي.

- ڳار جي پڙ. نرنان دودو. مال جون ديميون.

پيچٽي : پڙ هئي سا مون سان هلي. اڳيان دودو ديمين ۾ تو سجهي.

(11)

ڪائي ملڪ وسار منهنجو انهي نرنان سين.

- ڪائيءَ جي ڪوٽي. ملڪ جي ڪوڙ. نرنان رسول.

پيچٽي : ڪوٽي ڪوڙ وسار منهنجي راهہ رسول سين.

(12)

هن شهر ۾ سڀ ذاتين وارا ناهي نرنان جنهن سان مان ٻوليءَ جي ڪريان.

- شهر قٽل. ذات جا بازيخور. نرنان ساڄن. ٻوليءَ جي سچي.

پيچٽي : هن قٽل ۾ سڀ بازيخور ناهي ساڄن جنهن سان مان سچي ڪريان.

(13)

اي عورت تون ان جا نہ ڏي ڪنهن ڪوڙ جي نارنان ڏسان جنهن لائي ذات ٽيو آهيان.

ـ عورت دائي. ان جو داٽو. ڪوڙ جو ٻهانو. نارنا پوري. ذات جا جوڳي.

پيٽي ؛ دائي تون داٽا نہ ڏي تہ ڪنهن ٻهاني وجي پوري ڏسان جنهن لائي جوڳي ٽيو آهيان.

(14)

ڪپڙ واري هجي تہ ذات ڪپڙجي نہ ٽئي.

ـ ڪپڙ پراٽو. ڪپڙ جي گندي. ذات جا پريت.

پيٽي ؛ڳنڍڻ واري هجي تہ پريت پڙاٽي نہ ٽئي.

(15)

رڇ مَر تي منهنجا پرين تون ڳهہ تي نہ ڳالهائي. اسان ۾ اوهان جي وچ ۾ گاهہ بيٺو آهي.

ـ رڇ جو گڏون. ڳهہ جي مرڪي. گاهہ جو خار.

پيٽي ؛گڏ م تي منهنجا پرين تون مرڪي م ڳالهائي اسان ۾ اوهان جي وچ ۾ خار بيٺو آهي.

(16)

(هيءَ ڳجارت ٻنيءَ جي سگهڙ پانڌيءَ متوي سندس دوست ادل متوي کي ڏني هئي)

مال جيءَ متي مرون پنهنجون ڪن. ڳهہ پکياٽيون پنهنجونلوهہ جون ڪن. نرنان چئي وري ٻہ ڪا نارنان.

ـ مال جا آرس ( آرس انهي کي چئبو آهي جتي رات جو جهنگ ۾ ڳئون ويهنديو آهن) مرون گدڙ. پنهنجون ڊوڙون. ڳهي جي ٽڪ. پکي ڳجهون. لوهہ جي لولوي. نرنان پانڌي. نارنان ماروي.

پيٽي ؛آرسن متي گدڙ ڊورون ڪن. اچ ٻہ انهن ٽڪن متي ڳجهڙيون لنون. پانڌي چئي وري ٻہ ڪا ماري ڙي وري ٻہ ڪا ماري ري.

(17)

پکي ڪائي پکي ٽئين هاٽي نالو ڪندو ڪير.

ـ پکي وهيو. اٽي وڏي.نالو قبول.

پيٽي ؛ وهيون ڪائي وڏو ٽئين هان قبول ڪندءِ ڪير.

(18)

لوهہ جي ٻولي نرنان ولات ويو.

ـ لوهہ جي ترار. ٻوليءَجي جلدي. نرنان مصطفي. ولات معراج.

پيچٽي ؛ تار ڪري جلدي هو مصطفي معراج ويو.

(19)

مڃي جيئن اڇن مڃي ڇئو م تن .

ـ مڃي سهٽي. مڃي پڇي.

پيچٽي ؛ سٽي جي اڇن پڇجي نہ تن.

(20)

نالا هلي هلي آيا نالن وٽ سيئي. آئون نارنان انهن جي مون ڪان مال جيئن ويا.

ـ نالا نانگا. ٻيا نانيءَ. ٽيا ساميءَ. نارنان جيئندي. مال جي ويهڪ.

پيچٽي ؛ نانگا نانيءَ هلي آيا ساميءَ سيپيئي. آئون نہ جيئندي انهن ريءَ مون ڪان ويهڪ ويئي.

(21)

ڪڪ ۾ سپ جي مٿي ہ نالا ڏنا مون. آئون نارنان تنهن تي پڪيءَ پنهنجا ڪيا.

ـ ڪڪ جي ڪر. نالو هڪڙو حسن ٻيو حسين. نارنان حور. پڪي هنج.

پيچٽي ؛ ڪربلاءِ حسن حسين ڏنا. مٿان آئي حور جنهن اڇي چمي هنج ڪيا.

(22)

هٽي هٽ ساڄ تي ڪپڙ جا ڪنيائون.نالي ۾ نرنا وجين مٽيءَ جا ڏنائون.

ـ ساڄ جي گهڙي. ڪپڙ جا جهنڊا. مٽيءَ جون ميلون. نالو گونس (غوث) نالو ڀاودين. ھرٽيءَ جي ميل.

پيچٽي ؛ هٽي هٽ گهريءَ تي هو جهنڊا ڪنيائون. گونس ۾ ڀاودين جون وجين ميلون ڏنائون.

(23)

نارنا سهر ۾ ناهي پنهنجي ڪيئن ٿئي.

ـ نارنا ماتا. شهر مڙهہ. پنهنجي خوشي.

پيچٽي ؛ ماتا مڙهہ ۾ ناهي پنهنجي خوشي ڪيئن ٿئي.

(24)

( هيءَ ڳجهارت موبائيل تان جوڙيل آهي)

نرنا ڪڏي نارنان اکر ٻوليءَ جو ڪيو.

ـ نرنان بندو. نارنان بندي ( بوڪ) اکر جا انگ. ٻوليءَ جو قول.

پيچٽي ؛ بندي ڪڏي بندي جوڙي انگ ڪال ڪيو.

(25)

روزي ۽ نماز جي ڪل پريان کي پئي. اسين سوداگر جي نہ سهون. تون پيو نالا پچين.
- روزو آخر. نماز جو قدر. سوداگر جي ساعت (ياڳ) نالي جو آچار.
پيڄٽي ؛ آخر جو قدر اسان کي اچي پچو. اسان هاٽي هڪري ساعت نہ سهون. تون پيو اچار پچين.

(26)

(هيءَ ڳجهارت ٿوري الڳ طرح جي آهي)
نرنان تيري باغ ۾ ڪئيڪ نرنان اوتريا. ڪل ڪامني ڌاري من ۾ هو مال جيئن ويا.
نرنان سميو. نرنان سائر. مال جي مندي. ڪل جو سور.
پيڄٽي ؛ اي شميو تيري باغ ۾ ڪئيڪ ساعر اوتريا. مندي ڌاري منهِ هو سور سانديي ويا.

(27)

مستيءَ ۾ مستي، مستيءَ هٿ مَ لاهي. جي مرين مستيءَ کي تہ مستي مَ کي ڪائي. هن دنيا ۾ نرنا جي مستي ناهي.
- مستيءَ جي بري. مستيءَ جي بدي. مستيءَ جي بچڙي. مستيءَ جي نيڪي. مستي ڪنين. نرنان انسان. مستيءَ جي بقا.
پيڄٽي ؛ بري ۽ بدي بچڙي هٿ ۾ لائي. جي مرين نيڪيءَ لائي تہ ڪنين ڪر مَ ڪائي. هن دنيا ۾ بندي جي بقا ناهي.

(28)

مڃي سپ مڃي پر تنهنجي مڃيءَ مارايو.
- مڃي ڪلٽي. مڃي مرڪي.
پيڄٽي ؛ڪلٽيون تہ سپ ڪلٽيون پر تنهنجي مرڪ مارايو.

(29)

مٽيءَ مٽي پوڪ جا نالا ڏنا مون.
- مٽيءَ جو ڪلر. پوڪ ڪمند. نالو احسان.
پيڄٽي ؛ ڪلر مٽي ڪمند اهي احسان ڏنا مون.

(30)

جنهن کي پکيءَ لڳا تنهن کي پکي ڪندو چاڃ نالاءِ نام تنهن کي پکي ڪندو چا.
- پکي گرز. پکي گز. نالي جڳ عشق. نالو ارواح. پکي چپ.

پيچٽي ؛ جنهن کي گرز لڳا تنهن کي گز ڪندا چا؟ جنهن جو عشق ارواح سان تنهن کي چپ ڪندا چا؟

(31)

نالو ڏسان ڪانء، جنهن نالي بيهان جيڏيون.
نالو صادق، نالو جادم.
- صادق (سچو) ڏسان جا دم بيهان جيڏيون.

(32)

عورت مان آهيان پوئي عورت جي چا ڪريان.
- عورت حليمان. عورت رحيمان.
پيچٽي ؛ هلي مان آهيان ، رهي مان چا ڪيان.

(33)

اي ميان نرنا تنهنجا نرنان وچين ٿيا نرنان.
- نرنان نبي. نرنان امتي. نرنان بهشتي.
پيچٽي ؛ اي ميان نبي تنهنجا امتي وچي ٿيا بهشتي.

(34)

پکي هئا سي ذات ٿيا . پکي ڪن گاهه گاهه. پکين جي ٻه ذات. اديون آئون پکين بنان شهر بر پانيان.
- پکي هنج، ذات جا مري. گاهه ڪانهن. پکي ڪانگ. پکي مور. شهر ساٽيهه. بر جي سڄ.
پيچٽي ؛ هنج هئا سي مري ويا. رهيا آهن ڪانگ. جي پيا ڪان... ڪان.... ڪناديون انين مورن بنان ساٽيهه سجو پانيان.

(35)

( هيءَ ڳجهارت سمان ذات جي سرواڻ ابراهيم سرهيي جي خون مٿان جوڙيل آهي)
نار وڏي ڙي ميان نرنان ٻه ٻوليون پنهنجون ڪيئہ. نہ ڪاني آيئہ ڪا. ڪپر جو ڪيرائي ذات مال جي ڪري. عضوي جيءَ تي مونکي مال جي ڏنيہ. جيڪو ڪپڙي تان نہ لهي.
نار وسني. نرنان مصرو. ٻوليءَ جي اگهين، ٻي پانهين. پنهنجي نظر. ڪپڙ جو ڇٽ. ذات جا سمان. مال جي سڃين. عضوو دل. مال جو داڳ. ڪپڙي جو ڏوتو.
پيچٽي ؛ وس وڏي ڙي مصرا تو جي اڳهين ۽ پوئين نظر ڪيئہ تہ آڏي آيئہ ڪا. ڇٽ چاٽي سمات سڃين ڪري دل تي داڳ ڏنئہ جيڪو ڏوتي نہ لهي. ڏوتي نہ لهي.

(36)

مال جون اک جون ذات ولات ويا ڙي جيڏيون.

- مال جون دونهيون. اک جي ڏنڊ. ذات جا ڪاپڙي. ولات ڪشمير.

پيچٽي ؛ دونهون دکائي ڏنڊون ڪري ڪاپري ڪشمير ويا ڙي جيڏيون.

(37)

هن بحر جن مونکي فقير ڪيو.

- بحر جو وهندو. فقير جي اداسي.

پيچٽي ؛ هنن واهوندن مونکي اداسي ڪيو.

(38)

شهر متي ول لکي تڏهن ماڙهو جات (ذات) ٿيا.

شهر اوجل ڪوٽ. ول مرلي. ذات جا جوڳي.

پيچٽي ؛ اوجل ڪوٽ تي مرلي وڳي تڏهن ماڻهو جوڳي ٿيا.

(39)

هيءَ ڳجهارت نوري ڄام واري لوڪ ڪتا مان آهي)

نرنا ٽڙ پار بينو وڻ اڄلي.

- نرنان ڄام. ٽڙ ڪينجهر. وڻ ڄار.

پيچٽي ؛ ڪينجهر منجهه ڪالهه ڄام ڄاري اڄلي.

(40)

پوک جا منهنجا پري پاٽيءَ جيئن ٽياسين. عضوي جو هاڻ مون سان نہ ڪي منهنجا پرين.

- پوک جي سوئي. پاٽي پڏرو.عضوو ٽري.

پيچٽي ؛سئا پڏاسين منهنجا پرين، پڏرا ٽياسين پاڻ. ايٽريون هاڻ مون سان نہ ڪر منهنجا پرين.

(41)

پکي جي ڪري وئين منهنجا پرين گاهه جي لڏي ڪانهه.

مون تو سان لوهه پوک جي ڪئي ڪانہ.

- پکي ۽ جي ڪني. گاهه ڪل. لوهه جو زبانو ( جنهن کي ٻنيءَ ۾ وڇون ڇيو وڃي ٿو) پوک ڪچي.

پيچٽي ؛ڪوهي وئين منهنجا پرين ڪل لڏي ڪانہ. مون تو سان هيءَ زبان ڪچي ڪئي ڪانہ.

(42)

ايو نالو مڙد جو هڏ مَ چڏ. نالو چڏيندين هيڪ تہ ليڪي جا پونڊئي هڏ. عضوو هڪلي وڻ ڪري پوڪ سان نہ ڳڏ. سيان تنهنجو سڏ ٻولي ناٽو ڪندو.

- نالو رمضان. ٻيو نالو روزو. ليڪي جاٽيھ. عضوو هنيون. وڻ جي جائي. پوڪ جو تان. ٻوليءَ جي چو. ناٽي جو ٽڪو.

پيچٽي ؛ بندا آيو نالو رمضان جو روزو چڏ مَ هڪ. جي روزو چڏيندين هڪ تہ ٽيهئي پوندي هڏ. هنيون هڪلي جائي ڪري شيطان سان نہ ڳڏ. سيان تنهنجو چوٽڪي سان ٽيندو.

(43)

ولات وياري جيڏيون نالا نام ڪري. نالا نيائون پاڻ سان تنهنجا نالا ڪير ڪري.

- ولات اعراف. نالو هادي. ٻيو نِندو. نالو چندو.

پيچٽي ؛ اعراف ويا ڙي جيڏيون هادي سا ڪري. ننڊا نيائون پاڻ سان تنهن جي چندا (فڪر) ڪير ڪري.

(44)

نالا نرنامن تي مال جا ڪيو پيا وجن.

- نالو دوست. نرنان دائود (ڪچيءَ ۾ داود) مال جا ولر

پيچٽي ؛ دوست دعوتن تي ولر ڪيو پيا وجن.

(45)

چڏ ستَ جون ڪر هٿ جون پاڻ ذات ٽيندا سين.

- ست جي ڳندائي. هٿ جي متائي. ذات جا مري.

چڏ ڳنڊائي ڪر متائي پاڻ مري ويندا سين.

(46)

ڪاٺ ڪاٺ جون ڳالھڙيون هڪڙيون پڪين ٻيون پنهنجن. ڏڻ جي خبر نہ پيئي اسان ۾ پرين ٽڙ جو ڪيو.

- ڪاٺ جو ڳجھ. پکي طوطو. پنهنجا ماما. ڏڻ جا ڪر. شهر ڳڏيچي.

پيچٽي ؛ ڳجھ اندر جون ڳالھڙيون هڪڙيون تو ٽن ٻيون مان منَ. ڪريلن خبر نہ پئي اسان ۾ پرين ڳڏجي ڦٽيون ڪيون.

(47)

لوھ جا لڳن پکي پيچن. نرنان وجين ان جا ٽين.

- لوھ جا ڪلَ. پڪي ڪانو. نرنان سورو. ان جا ٽڪر.
پيڄٽي ؛ ڪل لڳن ڪانهيل پڇن. سورا وڃين ٽڪر ٿين.
(سورا معني بهادر)

(48)

نارنان شهر ۾ ناهي. پنهنجي ڪيئن ٿئي.
نارنا ماتا. شهر مڙهه. پنهني خوشي.
پيڄٽي ؛ ماتا مڙهه ۾ ناهي خوشي ڪيئن ٿئي.

(49)

جر فقير جن سان نالا نام ٻہ تن سان.
- جر جي ڪشتي. فقير جو ڪستو. نالو رام. نالو ريجهيو.
پيڄٽي ؛ڪستا ڪستيون جن سان ، رام ٻہ ريجهيو جن سان.

(50)

مٽيءَ جي ڪونہ ڪئي. هاٽي وڻ ڪر نہ وڃان.
- مٽيءَ جي سر. وڻ جي چوٽي.
پيڄٽي ؛ سير ڪونہ ڏني هاٽي چوٽي ڪر تہ وڃان.

(51)

ڪاٽي پئي تہ ڪاٽي ٿي ڳالهائي مرض ۾ چو پيو آهين.
- ڪاٽ جي من. ڪاٽ جي مرڪي ( مرڪي جنهن ۾ ننڍڙي ٻار ڪي سمهاريو ويندو آهي)
پيڄٽي ؛ من چئي تہ منهن رکي ڳالهائي چو ڳٽتين ۾ پيو آهين منهنجا پرين.

(52)

نالا نام هجن تہ ذات نہ ڪجي تن سان.
- نالو بختو. نالو سونهارو. ذات جا رئيس.

پيڄٽي ؛ جن جا بخت سورا هجن ريس نہ ڪجي تن سان.

(53)

وڪر نالا هون تہ عورت متي چو نہ ملي.
- وڪر جو امل. نالو صالح، عورت جنت، مٽي جي جائي.
پيڄٽي ؛ عمل سالح هون تہ جنت جائي چو نہ ملي.

## ڪھڙي ڳالھ ڪيان ڳجھارتن جي۔

ڳجھارتون وندر وروندهن جو تہ ذريعو آهن پر ڳجھارتون اسان جي ٻوليءَ کي بہ پاڻ ۾ محفوظ ڪيو ويٺيون آهن. ڪيئي اهڙا لفظ آهن جيڪي هاڻي ٻوليءَ مان غائب ٿي ويا آهن پر ٻنيءَ ۾ ۽ ٻنيءَ جي ڳجھارتن ۾ اهي لفظ اڃان جيئرا آهن.هاڻي اڳوٽيون ڳوناٽيون شيون غائب ٿينديون پيون ٿيون وڃن ۽ نيون الڪٽرانڪ يا سائنسي يا فائبر شيون روزمرھ جي واهپي ۾اچي رهيون آهن. ڳجھارت ۾ هڪڙو پائو آهي ” رڇ“ جنهن ۾ تقريباً مٽيءَ مان نهيل ٿانون جا نالا ايندا آهن. پر هاڻي اهي ٿانوڪٽي ٿا نهن ـ انهن کي ڪير تو استعمال ڪري؟ پر ڳجھارتن ۾ مٽ، گھڙو، چاڏي، ڪونبو. طباق، دانگي، جهڙا لفظ ملن ٿا. اهڙيءَ طرح کيتيءَ جي اوزارن جا نالا، وهٽن جي سواريءَ ۾ ڪتب ايندڙ شين جا نالا بہ ڳجھارتن ۾ قائم و دائم آهن. تہ وري ڳوناٽين راندين سان منسلڪ لفظ بہ بخوبي ملن ٿا. شايد پنجاه سالن کان پوئي اهي شيون ئي ڪونہ هونديون تہ انهن شين سان جڙيل لفظ ڪٿان ايندا؟ اهڙو ئي معاملو راندين سان جڙيل لفظن جو بہ آهي. ڳوناٽيون رانديو غائب ٿينديون پيو ٿيون وڃن. ٻارن کي ٽيوشنن ۽ مقابلاتي امتحانن جي تيارين ڪرڻ جي ڪارڻ ميدانن ۾ وڃي ڪيڏڻ جي فرصت ئي ڪٿي آهي. هاڻي تہ زمانو آهي انڊور گيمس يا ڪمپيوٽر گيمس جو، تہ راندين سان جڙيل الفاظ ڪٿان بچي سگھندا؟ پر ڳجھارتن ۾ اڃا اهي لفظ بچيل آهن.

ڳجھارتون پيچڻ ،سلڻ سان دماغي ڪسرت ٿئي ٿي، انهي ڪري دماغ کي هڪ چت ڪري سوچڻ جي بہ عادت پئي ٿي، گڏوگڏ دماغ ۾ لفظن جو ذخيرو وڌي ٿو.

ڳجھارتن ۾ عشق و محبت جا، لوڪ داستانن وارين سورمين جا، تواريخ جا، علاقائي ثقافت جا، ذڪر ملن ٿا ـ درشن ٿين ٿا.

ٻنيءَ مان مليل ڳجھارتون اڪسرو بيشتر سسئي ـ پنهون، عمر ـ ماروي، مومل راڻو، سورٺ رائي ڏياچ، ليلان چنيسر، ليلا مجنو، ۽ سهڻي مهار جهڙين سنڌي لوڪ داستانن تي آڌارت آهن.

ڪنهن بہ لوڪ داستان يا تواريخي قصي سان منسلڪ ڳجھارت کي سرائتي ڳجھارت چيو ويندو آهي. ۽ ان کان علاوه ٻئي ڪنهن عام موضوع تي آڌارت ڳجھارت کي ٻي سري ڳجھارت طور سڏيو ويندو آهي. سرائتي ڳجھارتن بہ کي ڳجھارتون ست سريون هونديون آهن. تنهن کان علاوه هڪ ٽپيون ۽ بہ ٽپيون بہ ڳجھارتون هونديون آهن.

جنهن ڳجهارت ۾ پائو يا ٽپ صرف هڪڙو ئي هوندو آهي ان کي هڪ ٽپي ڳجهارت چيو ويندو آهي. هڪ ٽپي ڳجهارت ڳولهڻ ۾ ذرا مشڪل ٿيندي آهي ڇو ته ان جو پاون وارو ڪينواس سوڙهو ٿي ويندو آهي. ان ڪري ڏک هڻڻ جي گنجائش به گهٽجي ويندي آهي. ان ڪري سچا سگهڙ اهڙيون ڳجهارتون ڏيڻ کان پاسو ڪندا آهن. ها پر جڏهن پڇيندڙ ڪنهن به ڳجهارت ڪي نه ڇڏيندا آهن ته پوئي ڳجهارت ڏيندڙ انهن کي ڦاسائڻ جي لائي هڪ ٽپي ڳجهارت جو سهارو وٺندو آهي. هڪ ٽپي ڳجهارت جو مثال ؛

ڪاني هلي، ڪاني چلي، ڪاني ڪيي پار.
ڪاني هلندي ڪيچ ڏي، ڪاني ڪُٽي ٻار.

هن ڳجهارت ۾ صرف هڪڙو ئي پائو آهي ڪاني ( ڪاني - ڪام) جيسي تائين پڇيندڙ ڪانيءَ جي ڪام نه چوندو ڳجهارت ڪونه پڄندي.

اهڙي طرح ڳجهارت ٻه ٽپي به ٿيندي آهي جنهن جا پاوا ٻه هوندا آهن. مثال طور؛

جهنگ جون ساريم سومرا هو لوهه جون اباڻ.

جهنگ جون ماڪيون، لوهه جون چاٽيون.

پڄڻي ؛ ماڪيون ساريم سومرا هو چاٽيون اباڻ.

ست سريون ڳجهارتون؛ هونئن ته جنهن ڳجهارت ۾ ستن ئي سنڌي لوڪ داستانن جا اهڃاڻ ملن ان کي ست سري ڳجهارت چئبو آهي پر اگر ڪنهن به ڳجهارت ۾ ٻن کان وڌيڪ سرن يا سورمين جا اهڃاڻ ملن ته ان ڳجهارت کي به ست سري ڳجهارت چيو وڃي ٿو.

مثال آهي؛

ٻي نرنائن جي وچ ۾ حاڪم آئون نه هياس،
تنهن نرنان بنا شهر ۾ روح نه ٽڪي راس،
ڪاني پائي رڃ ۾ چم جون چڪينداس،
سُٽي وڻ نرنان جو عضوي مڇي ٿينداس.

(نرنان هڪڙوهوت ٻيو بلوچ، حاڪم جي جوڙي، نرنان راڻو، شهر ڪاڪ، عضوو روح، ڪانيءَ جي منڌي، رڃ مٽ، چم جون ڇهئون، نرنان ساهڙ، وڻ نڙ، عضوو تري، مڇي ڪپار.)

سسئي چوي ٿي ؛ هوت ۽ بلوچ جي جوڙي آئون نه هياس،
مومل چوي ٿي ؛راڻي بنا ڪاڪ ۾ منهنجو روح نه ٿئي راس،
ماروي چوي ٿي ؛ منڌيون پائي من ۾ ڇهئون چڪينداس،
سهڻي چوي ٿي ؛ سٽي نڙ مهار جو تري آئون هن پار ويندياس.

لوڪ داستان اسان جي وندر ورونهن جو سامان تہ آهن ئي آهن پر انهن ۾ اتهاس ـ تواريخ جون بہ ڳالهيون اچي وڃن ٿيون. جنهن ۾ اسان جو تواريخي ورثو سمايل آهي. انهي ورثي جي مختلف ڳالهين کي ڳجھارتون وانگر ڪن ٿيون ۽ اسان جي ڌيان کي انهن تواريخي قصن ڏانهن ڇڪي ٿيو وڃن. جيڪي قصہ اسان کي ڳجھارتن ۾ انهن لوڪ داستانن وارين سورمين جي واتان ٻڌڻ لائي ملن ٿا. اچو تہ انهي مالا ۾ پويل مٽين مان هڪ هڪ مثال کي ڳجھارت جي روپ ۾ ماڻيون.

سورمي سسيءِ:
جر فقير سسئي هو ڪانئون ڏير آيا.
( جر جي ستي، فقير جو اوجاڳو، ڪاٽ جو ڪرڪو)
پيڄٽي ؛ ستي جاڳ سسئي هو ڪڙڪي ڏير آيا.

سورمي ماروي ؛
ڌڻ جا ساريو سومرا، جرجا ڪريو پون،
تن ڌڻ جن منجهان مارو ڪايو ڪوت ڪن،
مونکي مان نين هنن ڌڻ جن منجهان.
( ڌڻ جا ڪکر، جرجا لڙڪ، ڌڻ جون ڪنيپون، ڌڻ جا ڪڏا)
ڪکر ساريو سومرا مونکي لڙڪ ڪريو پون،
تن ڪنبين منجهان مارو ڪايو ڪوت ڪن،
مونکي مارو نين هنن ڪڏن منجها.

سورمي سهٽي:
عورت کي اڌ رات جو اکر ڪي نہ ڪري،
سٽي گاهہ نرنان جو وجي وڻ چڙهي،
(عورت سهٽي، اکر جو سيپارو، گاهہ نڙ، نرنان ميهار، وڻ ساتار)
پيڄٽي ؛ سهٽيءَ کي سي پارو ڪي نہ ڪري،
سٽي نر ميهار جو سا تار چڙهي.

سورمي ليلان ؛

## ڳجھارتون : ڪلاڏر متوا

اديون مون پارئون ڪاني ٽي،
نرنان کي ڇئو، نارنان کي اپ جو نہ.
(ڪانيءَ جوميڙو، نرنان چنيسر، نارنان ليلان،اپ جو لوڏي.)
اديون مون پارئون ميڙ ٽي چنيسر کي ڇئو،
ليلان کي لوڏ نہ.

سورمي سورٺ:
نرنان آيو تنهن کي ٻوليءَ جي ڏي.
( نرنان پينار، ٻوليءَ جي جي)
پيچٽي ؛ پينار آيو تنهن کي جيءُ ڏي.

سورمي مومل
نالو اٺئي منهنجا پرين ڇڏ نالي جي پچار،
جيئن نالو تون راڄ ۾ تيئن نالو آئون سب چمار.
( نالو آيو، نالو مونٹ، نالو راٹو، نالو راضي)
آيو آهين منهنجا پرين ڇڏ مونٹ جي پچار،
جيئن تون راٹو راڄن ۾ تيئن آئون راضي سب چمار.

ڪنهن زماني ۾ ڳجهي ڳالھ ڪرڻ لاءِ صرف ڳجهارت ئي ذريعو هوندي هئي. پنهنجي ڳالھ کي لڪ چپ ۾ رکڻ لاءِ ڳجهارت جو ئي سهارو ورتو ويندو هو. تہ پيار جو اظهار بہ ڳجهارتن ۾ ئي سگهي ٿو.

نالي وارا هئاسون، رچ نہ ٿياسون،
ڪاٺ جن ۾ پئي ذات ٿياسون.
(نالو اميدو، رچ گڏون، ذات جا مري، ڪاٺ جو قوڙائو.)
اميدگار هئاسون گڏ نہ ٿياسون،
انهي قوڙاهي ۾ مري وياسون.

عشق ۽ محبت تي بہ ڳجهارتون جوڙيون ويون آهن جن ۾ پرين جي خوبصورتيءَ کي سٺي نموني ڳايو ويو آهي . هيٺ ڏنل ڳجهارت ڏسو جنهن جي پيچٽي ڇڻ تہ ڪو شاه سائن جو بيت آهي.

ننڊ ۾ اڳي هئا، پيا ڪپڙ جا ڪيائون،
وجهي پٽر وجود ۾ ڪاٺي ڪيڀائون
انهن ڪي آئون نالا ڪيئن نه ڏيان؟
( ننڊ جا سهٽا، ڪپڙ جا ڪنهنبا، پٽر جو سرمو، ڪاٺ جي پٽي، نالو مبارڪ)
سهٽا اڳي سپرين هئا پيو ڪنهنبا ڪيائون،
وجهي سرما اکين ۾ پٽيون پاڙيائون،
انهن ڪي آئون مبارڪون ڪين نه ڏيان.
عام رواجي جيون جي ڪرت ڪارين تي به ڳجهارتون ملن ٿيون. اڳي زماني ۾ ماين ڪي واندڪايون هونديون هيون. اهي شام جو ڪنهن جي گهر جي پاڇي ۾ گڏ ٿي ويهنديون هيون ۽ ڳالهين سان گڏ هڪ ٻيءَ ڪي سيرون ڏيئي مٽي مان ٽولر(جون) ڪڍنديون هيون. اها ڳالهه هن ڳجهارت ۾ ڪيڏي نه سهجتا سان اچي وئي آهي.
مٽيءَ جي ڪونه ڪيئه ، هاڻ وڻ جي ڪر نه وجا.
(مٽيءَ جي سر ، وڻ جي چوٽي)
سيرته ڪونه ڏنئي ، هاڻ چوٽي ڪر نه وجان.
اهڙي طرح سان ڌرم يا ڪٽي چڱجي نصيحت واري ڪنهن سبق تي آڌارت به ڳجهارتون ملن ٿيون. جنهن جو مثال حاضر آهي.
جر فقير جو جن سان،نالا نام به تن سان.
(جر جي ڪشتي، فقر جو ڪستو، نالو رام ، نالو ريجهيو.)
ڪستيون ڪستا جن سان، رام به ريجهيو تن سان.
يا
ڪاٺي ملڪ وسار، منهنجي انهي نرنان سين.
(ڪاٺي ڪوٽي، ملڪ جي ڪوڻ، نرنان رسول)
پيڄٽي : ڪوٽي ڪوڻ وسار، منهنجي راهه رسول سين.
اهڙي طرح ٻني علائقي ۾ اجا ڳجهارتون قائم آهن. جيئن ته سيني ڪي خبر آهي ماڻهن جي دلين مان اهي ڳجهارتون ڳولهي ڪيڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. جو ته ان جو ڪو پيمانو ڪونه آهي ته ڪنهن به سگهڙ جي دل ڪي ماپي سگهجي يا سڪين (scan) ڪري سگهجي ته ڪنهن جي دل ۾ ڪيتريون ۽ ڪهڙيون ڳجهارتون آهن؟ ۽ ڳجهارتون به ماڻهو موڊ ۾ هوندو آهي ته پانهين دل جي تي تري ايندين آهن. نه ته ڪڏهن ايندڙ ڳجهارتون به زبان تي نه

اينديون آهن. اسان جي اڪادمين، سنستائن، ۽ خاص ڪري راشٽريه سنڌي ڀاشا وڪاس پريشد، نئي دهليءَ کي هن طرف خاص ڌيان ڏيئي اهو ذخيرو محفوظ ڪرڻ واري ڏس ۾ ڪي عملي قدم ۽ اپاو ڪرڻ گهرجن. تہ جيئن اسان جي سنڌي لوڪ ادب جو هي املهه خزانو وقت جي ڌوڙ هيٺان ريٽجڻ کان بچي وڃي.

ـ ڪلاڌر متوا

## ببليوگرافي

(1) سنڌي ڳجهارتون (1901)
مرتب ـ ڪوڙومل چندن مل ڪلناڻي.
قيصريہ پريس حيدآباد
(2) ڳجهارتون (1967)
مرتب ـ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ.
سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد.
(3) ڳجهارتون (1990)
مرتب ـ ڊاڪٽر پرسو گدواڻي.
گجرات سنڌي ساهتيہ اڪادمي، گانڌينگر.
(4) رمضان فقير جو سيڙهيل قلمي نسخو.